

هر ڪا دل هيرن جي ڪاڻ


موهنلعل شرما

ڪوتائي

هرڪا دل هيرن جي ڪاڻ

ليکڪ

موهنلعل پوهومل شرما "ڪوتائي"


At 60.
when you realize
there is only one thing permanent – change!
manghnani
elders home
LONAVALA
55 rooms | automatic lifts | generator | veg & non-veg meals | community centre | library
indoor games hall | fitness centre | yoga & meditation hall | walking track | garden
MANGHNANI ELDERS HOME
Behind Valvan Village Resort, Lonavala 410 403 (Maharashtra) Tel.: 02114-274831/ 32/ 33/ 34 E-mail: manghnani123@yahoo.com
MANGHNANI HOLIDAY HOME
For Inquiries / Reservations contact :
Mr. Thadani +91-98200 37460 / Mr. Nair +91-93252 65436

ليکڪ جي واقفيت

موهنلعل پوهومل سرما (ڪوٽائي) جنم ڪراچي سنڌ

تعليم: بي. ايس. سي، بي. ايڊ، ايس. ٽي. سي.

پيشو: هيڊ انچارج، ڪي جي هاءِ اسڪول شاه گنج، آگره

سينئير سائنس نيچر، پريمئير هاءِ اسڪول، سيان. ممبئي

دي انڊين هاءِ اسڪول، ڊبئي يوُ. اي. اي

ساهتيڪ (هندي) (١) جهلڪ (ڪهاڻيون) (٢) چٽانون ڪي راني

سنڌي (١) مهابليشور جو پوچاري (٢) دل جي گهڙي

(٣) اسانکي ناز آهي (۴) سونهري شام

(۵) پون ٽا ياد (٦) ماٺهو منهنجي ملڪ جا (٧) هر ڪا دل هيرن جي کاڻ

انگريزي

1) Sindhi Pearls in Dubai (Two Editions)
2) Prominet Indian of Emirates
3) Non-Resident Indians in the Gulf
4) Indus people 5) Indian Jewels
6) The Ex-patriate Indians in Dubai
7) Legends (The People of Destiny)
8) Legendry people

ڪلچرل پروگرام ڪمپئير ڪيل:-

(١) اسين سنڌي سنستا جو ساليانو پهريون پروگرام
(٢) اسين سنڌي سنستا جو ساليانو چيٽي چنڊ جو پروگرام
(٣) انڊين ائسوسئيشن ڊبئي جو ٢٦ جنوري ۽ ساليانو پروگرام
(۴) ڊبئي جي ٺٽئي ڀاٽيا سماج جو ساليانو دسهڙو پروگرام
(۵) ڪلچرل پروگرام بمبئي ئو ڊبئي جون سنستائون

سماجڪ:

(١) پروگرام ڊئريڪٽر يو پي سرڪار چائيلڊ ويلفيئر اِسڪيم
(٢) وائيس چيئرمئن، سنڌي يوٿ ائسوسئيشن آگره
(٣) چيئرمئن، سيڪيٽري ۽ ڪاميٽي ميمبر سارسوت يووڪ منڊل
(۴) آرري سيڪيٽري ۽ ڪاميٽي ميمبر امر جيون هائوسنگ سوسائٽي
(۵) لائيف ميمبر منيش نگر سنڌي ائسوسئيشن، انڌيري
(٦) ڪاميٽي ميمبر سنڌي ادبي سنگت ممبئي

Har ka Dil Heeran ji Khan
Stories

Author : **Mohanlal Pohumal Sharma**
Kotai
B.Sc., B.Ed., S.T.C.

Edition : First
Publisher :
Mrs. Bhageshwari M. Sharma
Address : Flat No. 105-106,
B Bldg. No. 28,
Manish Villa Society,
Manish Nagar,
Andheri (W),
Mumbai - 400053.
INDIA

Jayant M. Sharma
Flat No. 214, A1
Firdaus Bldg.,
Next to A Mussala
Post Office,
A1 Faheidi Road,
Bur Dubai (U.A.E.)
P.O. Box 443777
Tel.: (R) 097143527894

Price : ₹80/- DHS.10/-
Cover Design : **Anand Lalchandani**,
M : 9820883807
Juhi Sharma

Printer : **Impressions,**
Ram Lalchandani
Mahim, Mumbai (W)

D.T.P. : **Shobha Lalchandani**
M : 9322510668

هرڪا دل هيرن جي کاڻ
ڪهاڻيون.
ليکڪ موهنلعل پوهومل شرما
"ڪوٽائي"

پرڪاشڪ:- ڀاڳيشوري شرما
پتو:- 105-106 - بي ونگ،
بلڊنگ نمبر 28، منيش ولا سوسائٽي،
منيش نگر، چار بنگلا،
انڌيري (اولهه) ممبئي 400053
موبائيل:- 9820499013.
فون:- (گهر) 26374851
جينت ايم شرما
فليٽ نمبر ٢١٤، اي-١
فردوس بلڊنگ
ميوسالا جي سامهون
پوسٽ آفيس، اَل فهيدي روڊ
بار دبئي (يو اي اي)
پوسٽ باڪس نمبر ٤٤٣٧٧٧
قيمت:- اَسي رپيه
سال:- 2011
ڪور ڊزائين:
جوهي شرما. آنند لعلچنداڻي
پرنٽرس:- اِمپريشنس
آنند لعلچنداڻي،
212، الائيڊ انڊسٽريل ايسٽيٽ،
ماهيم، ممبئي 400016.
ٽيليفون:- 66662315

This Book is published with Partly financial help of
IndusInd Foundation NEW DELHI (INDIA)

ليڪن ۽ پڙهندڙن جا رايا.....

ماٺو منهنجي ملڪ جا....

آتمارام آر ڏنو اٺي. رٽائرڊ هائر سيڪنڊري ماسٽر عمر ٨٥ سال آديپور ...ڪتاب جو سهڻو گيٽ اَپ ڏسي دل ٺري پيئي. اجان بہ آنند آيم، جڏهن هڪ هڪ ڪهاڻي ڌيان سان پڙهيم. اوهان جي عبارت سچ پاچ داد لائق آهي. ناچ سنڌي ڪنهن بہ ور وڪڙ ڪان آجي، سڌي سو اٺي پڙهي ڪافي مزو ماڻيم. اوهان ڪهاڻيءَ جي مرڪزن ويچار سان خوب نباهيو آهي. اڪثر ڪهاڻيون اوهان جي شخصيت جو اولڙو پسائين ٿيون.... جس هجي، شال اجان بہ لکي اِهو پيار جو پورهيو ڪندا رهو.

آتمارام ڏنو اٺي

...هر ڪا رچنا پنهنجي ليکي مهان آهي. سماجڪ ۽ پريوارڪ جيون جو مجسم عڪس آهي. (١) دل ڏجي دل وارن کي، هن رچنا ۾ خاص ڏيکاريو اٿو تہ سنڌ ڇڏڻ بعد اسين سڀ سنڌي آهيون. نُکہ يا ذات جو ڀيد نہ رکڻ گهرجي. (٢) هوائي جهاز جي مسافري بہ اڄ ڪلهہ دهشتگيريءَ جي ماحول ۾ ياتريءَ جي سکہ سلامتيءَ سان پهچڻ تائين من ۾ خوف رهي ٿو. هوليءَ ۾ گوليءَ ۽ دل جي گهڙي ساڌارڻ نموني ۽ارن جي ئي شونق ذوقت ۽ چوڪراٺي اوستا جو ورڻن ٿيون ڪن. اهڙي طرح دلبر ڪبوتر اُڏامي ويو، پرسي پرسرام، نيرو مکي وغيره بہ وندرائيندڙ آهن. دل کي ڇهندڙ ڪهاڻيون آهن. جوڳيئڙا جادو هٽي ويا، مان ڪندس راڻيءَ سان شادي، ماٺو مڙيئي ماٺو ۽ گمراه گهوٽ. گمراه گهوٽ جي پڇاڙي سکدائڪ ڪريو ها. رمولا وو اهت جيون جو آنند ڪو نہ ماڻيو. گلاب وجي گمراهيءَ ۾ ڦاٿو، پر آخر جڏهن اکہ کليس تہ پتورت ناريءَ جو پيار ياد آيس. هن ويچاريءَ کي سالن بعد جيڪو جيون جو سڪون پراپت ٿئي ها! شاديءَ لاءِ تياڳہ ڪندڙ راڄ کي شاباس هجي، جو راڻيءَ سان شادي ڪيل هوندي بہ هن سان ٻي شادي رچيائين.

صفحو	ڪهاڻي	نمبر

ڪي ويڇهرائيءَ مان ڏٺو آهي ۽ پوريءَ طرح ڄاتو آهي ۽ پوءِ اُن کي پاتر
جو لباس پهرايو آهي. اها ٻه ليکڪ جي هڪ مبهم ڪلا ٻڌائجي ٿي
سگهي. هيءَ لاشڪ ڪلا ٻڌائجي ٿي سگهي.

ڪمل پياسي اَحمداباد.

'ماٺهو منهنجي
ملڪ جا'

Respected Mohanlal ji

I Thank you for sewnding me the book

ديوي بي. ناگراڻي. باندرا

ماٺهو منهنجي ملڪ جا... پڙهڻ سان لڳو ته توهان جو ساهتيه
سفر ڳهٽن پڙاون کي اورنگهي هتي پهتو آهي. زندگيءَ جي هر پهلو
کي نظر مان ڪيي تاجربات جي ڪسوٽيءَ تي آٽي بهاريو آهي. خيالن
کي قلم بند ڪرڻ جي ڏات ۽ ڏانوءُ اڪرن مان جهلڪي رهي آهي.
جڏهن ڪهڻيءَ جو تت يٿارٿ جي حدن مان ڳڏي حقيقت جي سرحد
کي ڇهي ته ڪهاڻي دل کي پنهنجي لڳندي آهي. مونکي دلبر ڪبوتر
اڏامي ويئي وٺي.

توهان کي هن پستڪ لاءِ انيڪ واڌايون.

ديوي ناگراڻي. ممبئي.

سيٺ ليلارام جي ڪهاڻي اڄڪلهہ جي سيٺين ۽ سنستا پڪن لاءِ هڪ مثال ۽ مارگہ درشن آهي. شيوا جو ڪو بہ اُجورو ڪو نہ تيندو آهي. هڪ عام چيو هو- Reward of Selfelss Service is More Service سوئي شال پائڻ اهو سبق سکن. رڳو مان شان، شالون يا هار پارائڻ سان پاڻ گويا اسين شيوا جو ملهہ تا وصول ڪريون. سموري طور ڏسبو تہ پستڪ سيکائڻ سان پرپور آهي. ڪيتري نہ خوشي ٿئي جو هنڙا پستڪ اسانجي نوجوان تهي پڙهي ڪجهہ سکيا حاصل ڪري.

پائو هيمن

ليکڪ، فيلسوف ويچارڪ، امرت ويلا آشرم، ڪنڊالا پٽي.

هري تنواڻي 'نماڻو' مهراڻ هفتيوار اُلهاسنگر 08-12-23

شري پدم راج شرما لکيو آهي: رتا جي خيال کان ڪهاڻيون وارتا ۽ گهٽنا پرڌان آهن. تيڪنڪ جي خيال کان روايت جي جهلڪ پسائين ٿيون. ليکڪ آدرشوادي آهي. پولي شعوري اٿس. ڪهاڻيون ليکڪ جي نجي اَنيو ۽ آزمودن جو سهارو وٺي قلمبند ٿيون اهن.

مهراڻ- اُلهاسنگر

ڪمل پياسي.

مانيور موهنلعل شرما

قرب ڪري توهان پنهنجو تازو پستڪ ''ماڻهو منهنجي ملڪ جا'' لکيو آهي. ڪتاب جي گيٽ اپ ڏسي دل ٺري پيئي. سنڌيءَ ۾ توهان جو ٦ ڪتاب آهي تنهن لاءِ مبارڪون.

پارت جي ڪتا ساهتيہ ۾ هيءَ هڪ واڌ آهي ۽ ڏيان ڇڪائيندڙ اها ڳالهہ آهي جو ڪهاڻيون حقيقتن جو درشيہ پيون لڳن. اُن مان توهانجو ساهتيڪ اڀياس ۽ ادبي شناس جي بہ پوري ڄاڻ پوي ٿي. توهان لکڻ ۾ سرجناتمڪ فن کي چمڪايو آهي. رچنائن جو نظريو اُصولن تي آڌار رکندڙ آهي، ليکڪ جي اندر جا اُڌما، اُمنگہ ۽ احساس پنهنجو پاڻ نکري ٿا بيهن. سنڌي پولي لکڻ جا ماهريت لاءِ توهان کي داد ڏجي ٿو. واقع هي ڪتاب انگريزيءَ ۾ انوادڪرڻ جي لائق آهي. توهان ڪردارن

يس جتي نامي گرامي اديبن هوندراج دکايل، هري دلگير، نارائڻ شيام، گوردن پارتي، وغيره وغيره سان هڪ هفتو سانده گذارڻ ۽ سکڻ جو موقعو مليو. سائنس جو ماستر هئڻ ڪري سنڌي ساهتيہ جي خدمت ڪرڻ لاءِ وقت گهٽ هوندو هو. پر تنهن هوندي پڻ سنڌي ساهتيہ پڙهڻ ۽ ابياس ڪرڻ لاءِ وقت ڪيندو هوس. ادبي محفلن ۾ شامل ٿيندو هوس.

منهنجي زندگيءَ جو ٻيو اهميت وارو دؤر دبئي ۾ انڊين هاءِ اسڪول لاءِ سائنس ماستر ٿي وڃڻ جو شروع ٿيو. دبئي پهچي هن نئين ٺهندڙ شهر مان ڪراچي سنڌ جون گهٽيون سڪون لهنديون هيون. هت سنڌين تمام گهڻي تعداد ۾ وسيل هئا. گهڻا ٺٽا ڪراچيءَ، دادو ضلع، گوادر پسني ۽ اورمارا جا واپاري هئا. هنن هت هر طرح جي ترقي ۽ واڌارو ڪيو هو. دڪانن ۽ بزارين ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائي وينئي هئي. هت سنڌ جا گهڻا مسلم ۽ هندو پڻ وسيل هئا. جنهن ڪري هڪ قسم جو سنڌ درشن ٿيندو هو. هت خوش نصيبا هت ڊاڪٽر موتي پرڪاش، ڪلا پرڪاش، دوست موهن گيهاڻي، گوپ ڪمل موجود هئا. هي ساڃڻ هر مهني ادبي سنگت ڪندا هئا. ڪجھہ وقت بعد شري گوردن شرما ۽ واسديو موهيءَ جهڙا شاعر پڻ دبئي ۾ آيا. شري ديال منگناڻي، دشينت شرما، جئديو ناگواڻي وغيره سنگت ڪندا هئا. اِن دؤران مون ڪهاڻيون جو مجموعو 'سونهري شام' شايع ڪيو. اهو ڪتاب مون پوپٽي هيرانندانيءَ کي ڀيٽ ڪيو. دبئي ۾ رهندي سنڌين جي پرشارٿ کان متاثر ٿي مون دبئي ۾ وسيل سنڌين تي اِنٽرويو ڪري هڪ ڪتاب دبئي ۾ سنڌي پرلس' نالي شايع ڪيو. جنهن ۾ سنڌن حياتيءَ جو اتهاس سنڌ کان هند ۽ هند کان دبئي اِمارات تائين، تن چئن پيڙهين جو وستار سان احوال لکيل هو ڇپائي پترو ڪيو. ان ڪوشش سنڌين کي ڪافي شهوريت ۽ اهميت ڏني. جنهن ڪري مونکي پڻ مان ڏيڻ لاءِ منهنجا اهي ڪتاب

Prominent Indians of Emirates, Sindhi Parla in Dubai, The Indus People The Legendry people, Non Resident Indians in the Gulf

گهڻو گهڻو مشهور ۽ ڪامياب ويا. اهي ڪتاب شد مد سان ڪلچرل پروگرام ڪري وموچن ڪيا ويا. لوڪل انگريزي اخبارن The Khaleej Times GULFNews سٺا ليک لکي ساراهہ ڪئي. سنڌين جي مايہ ناز شخصيتن جهڙوڪ شري مورجمل منگهناڻي، ڊاڪٽر رام ٻاخشاڻي، ناري سانولاڻي، منگهنمل پنڇوليا، رميش پاٽيا، لال لعواڻي وغيره انهن ڪتابن جي شايع ٿيڻ ۽ وموچن لاءِ رٿيل پروگرامن کي دل سان ساٿ ڏيئي ڪامياب ڪيو. سنڌي اديبن پڻ اِنهن ڪاريہ ڪرمن ۾ شرڪت ڪري سنڌيت جي ان ڪوشش ۾ ساٿ ڏنو

ليکڪ وٽان.....

منهنجي ساهتيڪ ياترا سڳوري سنڌ کان شروع ٿي. سنڌي ساهتيہ کي پڙهڻ جو سونو زمانو هو. ڪتابن پڙهڻ جو سلسلو سنڌي هاءِ اسڪول ڪراچيءَ کان شروع ٿيو. هر ڪلاس کي پنهنجي لئبرري هوندي هئي. جنهن مان هر ڇنڇر ڏينهن هڪ ڪتاب پڙهڻ لاءِ ملندو هو. سڀئي وقت منهنجي پيءُ جي ريلوائي طرفان هڪ لئبرريءَ مان پڻ ٻہ ڪتاب پڙهڻ لاءِ ملندا هئا. اُن زماني ۾ سنڌي ادبي توڙي ٻيا ڪتاب گهڻو تڻو هندي ۽ بنگالي ليکڪن جا ترجمو ڪيل هوندا هئا. اُن زماني ۾ جاسوسي ناول پڻ عام ۾ پسند ڪيا ويندا هئا. ترجمو ڪيل ڪتاب راٻيندرناٿ ٽئگور ۽ ٻين بنگالي مشهور ليکڪن جا هوندا هئا ۽ هنديءَ وارا ادبي ڪتاب منشي پريمچند ۽ ٻين عالِي ليکڪن جا هوندا هئا. اُن وقت ترمي ڪتاب پڻ سناتن ترم سڀا پاران ڇپيا هئا. ديش جو ورهاڱو ٿيڻ سبب اسان کي اُتر پرديش جي آگره شهر ۾ رهڻو پيو. جتي تعليم وٺندي هندي ساهتيہ سان مکاميلو ٿيو. هنديءَ جي قابل عامل ليکڪن ۽ ڪوين کي پڙهندي، ساهتيہ لاءِ پيار پيدا ٿيو. تعليم پوري ڪري بمبئي ۾ نوڪريءَ لاءِ اچڻو پيو. هت اسڪول ۾ سائنس ۽ مئٿس پاڙهيندي، هڪ دفعو وري سنڌي ادبي ساگر ۾ ٽٻيون ڏيڻ جو سونهري موقعو مليو. اُن وقت اسڪولن ۾ عربي سنڌي ۽ ديوناگري لپيءَ ۾ سکيا جا ماڌيم هئا.

اُن دوران پرفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي هليل ادبي ڪلاس ۾ هڪ متر وٺي آيو. جتي سنڌي ساهتيہ جي نامور اديبن سان ڏيٺ ويٺ ٿي. هن دؤر ۾ مونکي پڻ سنڌي ساهتيہ ۾ ليکڻ ۽ ڪهاڻين لکڻ لاءِ آمد ڪيو. مون پڻ پنهنجون ڪهاڻيون لکي ، ادبي ڪلاس ۾ پڙهيون. جن تي ادبي دوست صلاحن ۽ ويچارن ڪافي اُتساه ڦوڪيو. مشهور ليکڪ پروفيسر پنڃواڻي، ڊاڪٽر موتي ۽ ڪلا پرڪاش، پروفيسر منگهارام جي سنگت مونکي ڪافي متاثر ڪيو. جنهن ڪري ڪهاڻين جا مجموعا، مهابليشور جو پوڄاري، دل جي گهڙي، اسان کي ناز آهي. ڇپائي پترا ڪيم. 1980□ ڌاري آديپور گانڌيڌام ۾ ڪوٺايل ادبي ورڪشاپ چونڊ جي

پاڻ اَرپي دليون ملايون

ڊاڪٽر منوهر هٿ منهن ڌوئي اچي ڊائننگ ٽيبل تي ويٺو. سندس ڀاڻيجي ڪريشما ناشتي جي ٽري آڻي ٽيبل تي رکي. ڪريشما لاڏ ڪوڏ سان چيو، ”ماما!... توهين ته ڏاڍا ٿڪل ٿا لڳو. ممي ڀي ڪلاڪن کان توهان جي راهه پيئي نهاري. توهان کي ايندو ڏسي خوش ٿي مونکي چيائين ڪرشيما جلد مکڻ، جئم ٽوسٽ تيار ڪر، مان منوهر لاءِ ڪافي ٺاهي ٿي وٺان. اڇهو هوءَ ممي به اچي ويئي.“ سندس ڀيڻ شويتا ايندي شرط چيو، ”ڀائو منوهر صاحب هي ڇا؟ توهان ته آرتوار ڏينهن به آرام نٿا ڪريو. پنهنجو خيال رکندا ڪريو.“ منوهر ٽوسٽ مان ٽڪر کائي ڪافيءَ جي چشڪي ورتي. شويتا ڏانهن نهاري چيائين، ”اڄ بابا اڄ جي ميڊيڪل ڪئمپ ۾ تمام گهڻا بزرگ ۽ غريب مريض آيل هئا. جن جي چڪاس ۽ پرسڪرپشن لکڻ ۾ سياويڪ دير ته ٿي ويئي. شاباس آهي اسانجن سماج سيوڪي سنستائن کي جي تڪليف وٺي پنهنجي قوم جي شيوا ۾ تن من ۽ ڌن سان شيوا جو ڪم ڪن ٿا. مونسان گڏ اڌ ٻرن منهنجا دوست ڊاڪٽر پڻ شامل هئا.“ شويتا اَچي ڪرسيءَ تي ويٺي چيائين ”ڀائو ڊاڪٽر انيلا پڻ شامل ٿي هوندي. شاباس اٿس هوءَ به بيمارن ۽ ڙالن جي شيوا ۾ سڀ کان اول هوندي آهي.“ ائين چئي پنهنجن اکين کي شرارت ڀرڻي نوع ۾ ڦيرائي ڀاءُ ڏانهن مشڪي نهاريائين. ڊاڪٽر منوهر ڀيڻ جي اها ڳالهه ٻڌي مشڪرايو. چيائين ”توکي ياد ڪيائين ۽ تنهنجو حال احوال ورتائين.“ شويتا پيار ۽ عرض ڀرڻي انداز ۾ چيو، ”ڀائو ڪيس گهر ڇو نٿا آڻيو. اسان کي ڪيس ڏٺي عرصو ٿي ويو آهي.“ ڊاڪٽر منوهر چيو. ”ها. ها هڪ ڏينهن ڪيس وٺي ايندس، توهين سڀ

بمبئي ۾ اچي مون هت پڻ ڪهاڻين لکڻ ۽ ڇپائڻ جو سلسلو قائم ڪيو. جنهن ڪري منهنجين ڪهاڻين جا مجموعا ''پون ٽا ياد''، ''ماٺهو منهنجي ملڪ جا''، ''هرڪا دل هيرن جي کاڻ'' ڇپجي ظاهر ٿيا. ''پون ٽا ياد'' ڪتاب سيتان سنتو يون شانتاڪروز ۾ واسديو نرمل ۽ ٺاڪر چاولا جي هٿان ومو چڻ ٿيو. اُن وقت موجود پنگت سان گڏ مشهور اديبن ڊاڪٽر ديال آشا، پروفيسر گوپ روپاچنداڻي، واسديو نرمل، پارو چاولا ۽ شريڪانت صدف پڻ شرڪت ڪئي. سنڌي جڳت جي نامور سماجڪ ڪاريه ڪرتا شري چندر منگهناڻيءَ ۽ شري رام جو اهراڻيءَ. هوٽل روز ووڊ ۾ هي ڪتاب 'ماٺهو منهنجي ملڪ جا' جو مهورت ڪري جس حاصل ڪيو. جتي پڻ سنڌي ڳاڻ ڳڻيا اديب موجود هئا. اهڙيءَ طرح هي ڪتاب 'هرڪا دل هيرن جي کاڻ' گهڻي مشغولين هوندي پڻ ڇپائي رهيو آهيان. هنن ۾ اسانجي زندگيءَ ۾ رهندڙ ڪن شاخصيتن جو خاڪو پيش ڪيل آهي. اُميد ته پاٺڪن کي هي ڪهاڻيون پڻ پسند ايندي‌يون.

مٿيان ڪتاب مون هند ۾ ۽ دبئي ۾ ايندڙ سنڌي اديبن کي سوکڙي طور ڏيئي ڪيتريون ئي ڪاپيون سنڌ ۾ موڪليون آهن: اُميد ته اُتي پڻ سنڌين کي پسند پونديون.

سنڌي ساهتيه کي قائم رکڻ لاءِ هر اديب جيان مان پڻ لکندو رهندس. سنڌي ساهتيه جي واڌاري لاءِ هرڪا ڪوشش ڪندس. پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي 100 سالن جي شتابدي ملهائڻ لاءِ سيتا سنتو يون شانتاڪروز ممبئي ۾ ڪوٺايل سيمينار ۾ مونکي پڻ اديب دوست واسديو موهيءَ موقعو ڏنو. جنهن ۾ مون پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي ڪهاڻين تي هڪ پيپر پڙهيو. هت پڻ سنڌي جڳت جي مختلف اديبن شرڪت ڪئي هئي. جنهن ڪري سنڌي ساهتيه جڳت ۾ هڪ نئون ۽ اهم قدم کنيون ويو هو. هت اديبن جو اُتساه ۽ اُمنگ ڏسڻ لائق هو.

مان اُميد ٿو ڪريان ته سنڌي ساهتيه جا پريمي پنهنجي ٻولي ۽ ساهتيه کي قائم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪندا رهندا. نئين پيڙهيءَ کي سنڌي ساهتيه سان مڪاميلو ڪرائڻ لاءِ اسان کي شايد ديوناگري، هندي يا انگريزيءَ ۾ ساهتيه جو انوواد ڪرڻو پوندو. اِهو ڪم تمام ضروري ٿيندو. جيئن ايندڙ نئين پيڙهين جي نوجوان ڇوڪرن ڇوڪرين کي پنهنجي سنڌيت کان واقف ڪري سگهجي. وقت بدلجي رهيو آهي. اسان کي به وقت سان بدلجڻو پوندو ۽ وقت انوسار سنڌيت کي قايم رکڻ جا شافي طريقا اختيار ڪرڻا پوندا. اچو ته گڏجي قدم کڻون.

چيو، ” شادي هن عمر ۾، ماڻهو کلائڻا آهن ڇا؟ تون ڇڏ اِنهن ڳالهين کي.“ شويتا وراڻيو، ”ڀائو 40 سال ڪا عمر ٿيندي آهي؟ اڄ جي ترقي پسند زماني ۾ تہ اها عام رواجي ڳالهہ آهي. توهين ڊاڪٽر انيلا کي چو نٿا آڇ ڪريو. اُها اسان سيني کي پسند آهي.“ ڊاڪٽر منوهر پاڇيو، ”انيلا پنهنجن ڀينرن جي ٻارن کي ڇڏي ايندي؟“ شويتا زور ڏيندي چيو،” مان چونديسانس ڪيس عرض ڪنديسانس . اُها ضرور منهنجي ڳالهہ مڃيندي.“ منوهر چپ رهيو. شويتا رميش ۽ ڪرشما سان ڊنر ڪائي رواني ٿي ويئي.

ڊاڪٽر منوهر ڊنر ڪائي اچي صوفا تي ويٺو. ٽي.وي هلائي نيوز ٻڌڻ لڳو. پر منوهر جي من ۾ ڪا ٻي ٽي.وي هلي رهي هئي. منوهر ميڊيڪل ڪاليج ۾ مريضن جي چڪاس ڪري رهيو هو. سندس هم ڪلاسڻ انيلا اچي پهتي. منوهر کي چيائين، ”ايڪس ڪيوز مي! تون منهنجو پيشنٽ ڏسي رهيو آهين.“ منوهر انيلا ڏانهن نهاري پاڇيو،” آر يو شور؟ هيءُ تنهنجو ڪيس آهي؟“ انيلا سندس هٿ مان ڪيس پيپر وٺندي ڪيس پنهنجو نالو ڏيکاريو. منوهر ڇُڪ محسوس ڪندي چيو ”اوه آءِ ائم ساري! منهنجو پيشنٽ انهي بيڊ تي هو شايد ڪيس ڊسچارج ڪيو ويو آهي.“انيلا کلندي چيو، ”مونکي پنهنجا پرسڪرپشن جا نوٽس ڏي. ٿئنڪ يو...!“ منوهر ۽ انيلا جي روبرو ٿيڻ جي اُها پهرين ملاقات هئي. جيئن جيئن ڪورس جو مدو پورو ٿيندو ويو، تيئن تيئن هڪ ٻئي جي ويجهو ايندا ويا. هڪ ٻئي جا نوٽس وٺندا هئا. پاڻ ۾ ڪورس ۽ بيمارين بابت صلاح مصلحت ڪندا هئا. منوهر کي انيلا جي سڀاءُ ۽ وهنوار ڏاڍو متاثر ڪيو هو.ساڳي طرح انيلا کي پڻ منوهر جو شاندار سڀاءُ ۽ چرتر پسند پيو هو. ٻئي هڪ ٻئي جي گهرو زندگي ۽ ذميوارين کان واقف ٿيا هئا. انيلا کي ٻہ ڀينر هيون جن کي پاڙهي، شادي ڪرائڻي هئي. ڪيس وڏوا ماءُ کي سهارو ڏيڻو هو. هوءَ گهر ۾ وڏي ڌيءَ هئي. پنهنجا فرض پٽ وانگر نباهي رهي هئي. منوهر کي پڻ پاءُ ۽ ڀيڻ کي پاڙهي پيرن تي بيهارڻو هو.منوهر

ساٿس ملڻجو. بس هاڻ ڳالهہ پوري ٿي نہ.'' شويتا ناخري سان وراڻيو، '' نہ پاڻو. نہ، جڏهن کيس وٺي ايندا تڏهن ڳالهہ پوري ٿيندي.'' ائين چئي کلي پيئي. ڊاڪٽر منوهر ڳالهہ سمجهي کلي ڏنو.

منوهر ناشتو ڪائي اَچي صوفا تي ويٺو. اکيون پوري آرام ڪرڻ لڳو. سندس من ماضيءَ جي سونهري يادن جي دنيا ۾ هلي ويو. سندس سڳوري ءَ جي لاڙ جي چوهڙ جماليءَ جو سرسبز وطن. سندس پتا جي زمينداريءَ وارو سونهرو سمو. سندن سايون آباد ٻنيون ۽ باغ، تن ۾ پاليل سندن ڳانيون ڍڳا، ٻڪريون ۽ رڍون. خوب اناج جا ڀنڊار ڀريا پيا هوندا هئا. هرڪو بني بشر خوشحال ۽ ماڃيءَ مانيءَ وارو هوندو هو. چؤطرف شانتي وارو صاف سٿري واتاورڻ ۾ هرڪو سڪون ۾ بي فڪري واري زندگي جيئي رهيو هو. سندس ناناڻا ڪراچي شهر ۾ وسيل هئا. سندن وٽج واپار سٺو ۽ زندگي شهري سکن سان ڀرپور هوندي هئي. منوهر پنهنجي ماءُ سان ڪراچيءَ ۾ ناناڻن ۾ اَچي ٽڪندو هو. کيس ڪراچي شانتيءَ، صفائي سٺائي ۾ شاندار لڳندو هو. مامن سان گڏ هو مشهور هنڌن تي گهمڻ ويندو هو. هت شهرواسي ملير ۽ مينگهي پير تي وندر ۽ آسائش لاءِ ويندا هئا. ڪراچيءَ جو ماحول ترقي پسند زندگي ۽ اسڪول ڪاليج کيس پسند هئا. سندس ناناڻن کي گهمڻ لاءِ وڪٽوريا گاڏي هئي. کيس ڪراچيءِ جا ڪاڏا، مٺايون ۽ ٻيا ٿول پسند هوندا هئا. هن پنهنجي مامي کان ڊبل روٽي ۾ مکڻ ۽ جئم ملائي کائڻ پسند ڪيو. مٿان گرمان گ رم چانهہ پيئڻ وٽندي هئي. هڪ طرف ڳوٺاڻي سادي زندگي تہ ٻئي طرف ترقي پسند شهري زندگيءَ جو لطف ماڻيندو هو.

ايتري ۾ شويتا اچي چيو، ''پاڻو چا پيا سوچيو؟ هلي ڪاڏو ڪائو. مون تنهنجي پسندي جو ڪاڏو ٺاهيو آهي. هلو رميش پڻ اچي ويندو! اَسين سڀ ڊنر ڪائي پنهنجي گهر ويندا اسين ۽ تون پنهنجو خيال ڪندو ڪر. آرام پڻ ڪندو ڪر. سڄو هفتو ڪم ڪري گهر ۾ نوڪر جو ٺاهيل ڪاڏو ڪائين ٿو. اجان بہ دير ڪا نہ ٿي آهي. تون ڇو نٿو شادي ڪرين؟'' ائين چئي پاءُ جي منهن ۾ نهاريائين. منوهر ٿڌو ساهہ کڻندي

ڪيلا ڇو رهن؟ ڪين گرهست زندگيءَ جو آنند ماڻڻ جو حق آهي. هنن
ي هاڻ ڪمڙيون رڪاوٽون آهن. انيلا ڪي پنهنجي بيمار ماءُ جو اونو
هي. جنهن جي سنڀال ڪري رهي آهي. هيڏانهن منوهر پڻ اڪيلو
هي. جيڪڏهن انيلا جي ماءُ به اچي منوهر وٽ رهي ته منوهر ڪي پڻ
ماءُ جي ڪمي ڪونه رهندي. هوءَ ڏينهن رات انهيءَ آنڌ مانڌ ۾ رهندي
ٺي ته ڪيئن به ڪري پاءُ ڪي انيلا سان شادي لاءِ راضي ڪري. تنهن
ڪري پنهنجي مڙس رميش سان گڏ انيلا جي گهر آئي. انيلا جي ماءُ
سندس آدرڀاءُ ڪيو. شويتا ساڻس پاڪر پائي ملي. چيائين توهان ڪي
سان ٿي ته مونکي توهان مان پنهنجي ماءُ جي سڪ ٿي لهي. انيلا ۽
سندس ماءُ شويتا ۽ رميش ڪي ڊنر ڪارائي. خوب ڳالهيون ڪري سڪون
پوريون ڪيائون. شويتا انيلا جي ماءُ جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي
چيو، ”پاپي مونکي وچن ڏيو.“ انيلا جي ماءُ چيو، ”ڇئو توکي ڇا
گهرجي. مان تنهنجي اڇا پوري ڪندس؟“ شويتا پاونائن سان پڙيل
ڪنٺ سان چيو، ”مونکي وچن ڏيو ته توهان اسانکي پنهنجا پار
ڪري گود وٺندا.“ انيلا جي ماءُ هاڻ ٻڌ تڙ ۾ پئجي ويئي. هوءَ سمجهي
نه پيئي سگهي ته آخر ڪيس گود جي ماءُ ڪري ڇو ٿي وٺي. هن چيو
ا مان ته توهان جي به ماءُ آهيان. توهين منهنجا به اولاد آهيو؟ شويتا
سندس هٿ جهلي چيو، ”ته اهو به واعدو ڪريو ته توهين منوهر ڪي
ود جو پٽ ڪري سويڪار ڪندا. توهين منوهر وٽ اچي رهندا. اِها
سان سيني جي دلي مراد آهي، پاپي توهين اسان ڪي نراس نه ڪندا.“
نيلا جي ماءُ چيو، ”اهو ته صحيح آهي ته منوهر ۽ تون منهنجا پار
هيو. مان توهان جي گود ورتل ماءُ آهيان. پر انيلا ڪي ڇڏي مان توهان
ٽ ڪيئن اچي رهندس.“ شويتا وراڻيو، ”پاپي توهان جون لک لک
هربانيون جو توهان اسان جي ماءُ ٿيڻ قبوليو آهي. هاڻ توهين هڪ
يو به قرب ڪريو توهين انيلا ۽ منوهر جي شادي ڪرايو. توهين
ٺي ڪٽنب ملايو.“ انيلا جي ماءُ اِن دليل جي سامهون بلڪل چپ
هجي ويئي. سوچي پيئي هيءَ ننڍي ڇوڪري ڪمڙي نه سياڻي

انيلا کي بيحد پيارڻ لڳو هو. ڪير خبر ته نه پيئي ته هيءَ دوستي ڪيئن محبت جي ڏور ۾ مضبوط ٻڌجي ويئي. ٻئي فرصت ۾ ڪافي هائوس ۾ گڏ ملندا هئا. هڪ ٻئي سان حال احوال اوريندا هئا. هڪ ٻئي جا ڏک سُور سليندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن سنيما ڏسڻ ويندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن هنڌ گهمڻ يا پڪنڪ تي ويندا هئا. سندن دوستيءَ ۽ ويجهڙائي جي خبر سندن ڪلاسين تائين پهتي هئي. سندن هم ڪلاسين ۽ دوستن پڻ سندن ان ساٿ کي خوشيءَ سان سويڪار ڪيو هو. وقت گذرندي ڪنووڪيشن جو جلسو ٿيو. ٻنهي کي سٺين مارڪن ۽ ڪلاسن ۾ ڊگريون مليون. سٽت ئي ٻئي سرڪاري اسپتالن ۾ ڊاڪٽر مقرر ٿي ويا. پاڻ ۾ ٽيليفون ذريعي ڳالهائيندا هئا. سيمينارن ۽ ڪانفرنسن ۾ شريڪ ٿيندا هئا . اُهي ڏينهن ۽ وقت پاڻ ۾ گڏ گذاريندا هئا. پنهنجا ليک ۽ ريسرچ پيپر گڏجي ٺاهيندا هئا.

وقت گذريندي دير نه لڳي هئي. ڊاڪٽر منوهر پاءُ جي شادي ڪرائي. هو نوڪريءَ تي چڙهي وڃي ڏار رهيو هو. هن ڀيڻ شويتا کي پڻ تعليم ڏيئي پيرن تي بيهاريو هو. شويتا کي پڻ سلڇڻي رميش سان پرڻايو هو. هيڏانهن انيلا پڻ ڀينرن کي پاڙهي لائق بڻايو هو. اُنهن کي پڻ سٺن ڇوڪرن سان شادي ڪرائي هئي. هاڻ هوءَ بيمار ماءُ جو سهارو بڻجي ويئي هئي. انيلا کي بار بار منوهر جو خيال ايندو هو. هوءَ چاهيندي هئي ته منوهر سان لائون لهان. پر سندس ماءُ جو فرض کيس مجبور ڪندو هو. هوءَ ٻڍي ۽ بيمار ماءُ کي ڇڏي ڪيئن منوهر جو گهر وڃي وسائي؟ منوهر پڻ چاهيندو هو ته هاڻ انيلا به سندس سان گڏ رهي. باقي زندگيءَ جا پوڄ پوڄي. پر انيلا جي ماءُ جو ويچار ايندي ئي هو شاديءَ جو خيال ترڪ ڪري ڇڏيندو هو.

شويتا کي هر وقت منوهر ۽ انيلا کي گڏ ڪرڻ جي چنتا لڳل هئي. هوءَ سوچڻ لڳي پاءُ منوهر منهنجي پاءُ هريش جي شادي ڪرائي پنهنجو فرض پاليو آهي. ساڳئي وقت انيلا پڻ پنهنجين ڀينرن کي پڻ سٺن گهرن ۾ پرڻائي ماءُ پيءُ جا فرض بجا آندا آهن. هاڻ هي ٻئي پريمي

ديداري دوست

اڄ رما جي اکين جون پٽيون کلڻيون هيون. سموري ڪٽنب ۾ تمام گهڻي انتظاري هئي. رما توڙي پتي رگهنات جي سالن جي اڃا هئي ته رما وري هڪ وار دنيا ڏسي. اسپتال ۾ سموري ڪٽنب جا ياتي توڙي رما رگهنات جا متر اچي ڪٺا ٿيا هئا. هرڪو پربوءَ در پرارٿنا پيو ڪري ته رما اکين سان ڏسي ۽ سڃاڻي. رما جو پٽ هريش ۽ نونهن ساوتري پڻ نئين چاول هار سميت آيل هئا. رما جي نظر ننڍپڻ کان ڪمزور هوندي هئي. گهڻي پڙهڻ ۽ حسابن ڪتابن جا چوپڙا پڙهندي سندس اکيون ڏيري ڏيري ديد وڃائي ويٺيون هيون. وڏن قابل نظر جي ڊاڪٽرن ۽ سرجنن کي ڪنسلٽ ڪيو هئائون. آخر ۾ ڊاڪٽرن سندس اکين جو ڏکيو آپريشن ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو. ڪين خاطري هئي ته ڪنهن انسان جي اک جو پردو ملندو ته اُهو رما جي اکين ۾ واپس روشني آڻي سگهندو. مس مس ڪين بونر ملي ويو هو. اکين جو آپريشن ٿيو هو. اڄ رما جي اکين جون پٽيون کلڻيون هيون.

رگهنات انتظاريءَ مان ويٽنگ روم جي صوفا تي ويٺو هو. سندس من ماضيءَ جي دنيا ۾ هلي ويو. رگهنات نوجوان هئو. سندس دنيا هر پرڪار جي سکن سان پريل هئي. پاڻ خوبصورت، تندرست ۽ قدرت هو. سموري آفيس ۾ سندس نالو هو. هو پنهنجو ڪم چستيءَ ۽ مستيءَ سان ڪندو هو. پنهنجو ڪم پورو ڪري پين زيردستن کي به ڪم ۾ واهر ڪندو هو. جنهن ڪري سموري اڻالي ۾ پيارو هو. رما سندس آفيس ۾ اڪائونٽ آڊٽ ڪرڻ لاءِ نئين نئين آئي هئي. هوءَ نوجوانيءَ جي پهرين ڏاڪي تي بيٺل هئي. جهڙي هئي سنڌر تهڙي هئي سياڻي جي مٺي ۽ رلڻي ملڻي. هرڪو ڪم ڪرڻ جو ڏانو هوس. جنهن ڪري پنهنجن ڊائريڪٽرن جو وشواس حاصل ڪيو هئائين.

آهي. ڪيس پنهنجي پياري پاءُ منوهر جو ڪيڏو نہ اونو آهي. هن اهو بہ محسوس ڪيو تہ شويتا انيلا کي ڪيترو نہ دل سان پيار ٿي ڪري. هوءَ شويتا کي وچن ڏيئي وڏي ڪشمڪش ۾ اچي ويئي. انيلا پڻ اها سچي ڳالهہ پول ۾ هڏي دنگ رهجي ويئي. انيلا منوهر کي بيحد پيار ڪندي آهي. شادي ڪري باقي بچيل زندگي ساٿيءَ سان گذارڻ جي خواهش هئس . پر بيمار ماءُ کي ڪئين اڪيلو ڇڏي وڃي. پر ان جو حل شويتا ڪيي ڏنو آهي. ڇا اهو ٺيڪ ٿيندو جو اسانجي شاديءَ کانپوءِ پاپي بہ هلي مونسان منوهر وٽ رهي.هوءَ پڻ هاڻ هڏتڙ ۽ اڻ تڻ ۾ پئجي ويئي. ظاهري چيائينس،'' شويتا اهو ڪيئن ٿي سگهندو؟ منوهر ڇا چوندو، ڪيس اها رٿ پسند پوندي؟'' شويتا وراڻيو،'' مون منوهر کي مڃايو آهي. هو پاپيءَ کي پنهنجي ماءُ ڪري راهڻ ٿو چاهي. انيلا هاڻ تون وڌيڪ نہ سوچ، مهرباني ڪري توهين هئي هڪ ٿي وڃو.'' سيني ان رٿ کي چپ چاپ سويڪار ڪيو.

شويتا گهر موٽي ڊاڪٽر منوهر کي پنهنجو قسم وجهي مڃايو. هوءَ انيلا جي ماءُ کي ڌرم جي ماءُ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. شويتا ۽ رميش ٻنهي ڌرين کي آرتوار شام جو اِسڪان جي هري راما مندر ۾ اچڻ لاءِ فون ڪيو. مقرر وقت تي ڊاڪٽر منوهر، شويتا ۽ رميش مندر جي ٻاهران اچي بيٺا. ٿوڙي دير بعد ڊاڪٽر انيلا پڻ پنهنجي ماءُ سميت اچي سهڙي. سيني هڪ ٻئي کي ڪيڪاري سواڳت ڪيو. شويتا ۽ رميش ڪين مندر ۾ اندر وٺي ويا. جتي هنن اڳ ۾ ئي سمورو بندوبست ڪرائي رکيو هو. مندر جي پروهتن وڏيءَ سان ويدڪ منترن سان سندن وهانءُ رچايو. ٻنهي هڪ ٻئي کي هار پائي شادي ڪئي. آيل مهمانن کي مندر ۾ ساتوڪ ڀوڄن ڪرايو ويو. انيلا جي ماءُ شويتا کي ڀاڪر پائي چيو 'تون تہ ڪا منهنجي پورو جنم جي ماءُ آهين. شاباس اٿيئي جو مونکي سمورو ڪٽنب پيار سان ارپيو اٿئي.

سموري اَتالي کي پڻ اِهو سمجهڻ ۾ دير نه لڳي ته عشق جي آڳه هنن ٻن پيارن کي لڳي رهي آهي. سندن سينيئرن کي پڻ سندن ساٿ ۾ هم راز ٿيڻ جو احساس ٿيو. ڏيري ڏيري رگهناٿ همت ڪري رما کي پنهنجي جيون ساٿڻ بڻجڻ جو اظهار ڪيو. رما چپ چاپ ۾ سندس گذارش جو استقبال محبت جي مشڪ سان ڪري منظوري ڏني. ٻنهي طرفان وواه جون تياريون ٿيون رگهناٿ ۽ رما جي مائٽن توڙي دوستن اِن ڳالهه جي رضامندي ڏني. اهڙيءَ طرح ٻنهي ملي ڪري شادي ڪئي.

وقت گذرندي دير نه لڳي. ٻنهي جي زندگيءَ ۾ هڪ پٽ ۽ هڪ ڌيءَ جو جنم ٿيو. ٻار پڻ ماءُ پيءُ جو پيار پائي وڏا ٿيا. ٻنهي کي زندگيءَ جي رفتار اِن ڳالهه جو سڌ سماءُ به نه ڏنو ته سندن شادي کي اڄ پنجويهه سال پورا ٿيا آهن. پٽ پريم ۽ ڌيءَ شارڊا جي وهانءُ ڪرائي ڪاڄهه سامت ۾ آيا. کين پوٽو پڻ ڄائو.

رگهناٿ ۽ رما هاڻ جو انيءَ جي ڏاڪي کي اورانگهي ٻڍاپي ڏانهن وڌي رهيا هئا. سندن جسم ڪمزور ٿيڻ لڳو هو. هاڻ اکيون ۽ اري طاقت ۽ قوتي ڪانه رهي هئين. ان دوران رما جون اکيون وييون ڪمزور ٿينديون. آفيس جا آڏت انگن اکرن جا حساب ڪتاب ۽ راتيون جاڳي ڪم کي سر انجام ڏيڻ سبب سندس نظر بدکان بدتر ٿيندي ويئي. هوءَ اکين جي ڊاڪٽرن وٽ ڦيرا ڏيڻ لڳا. سنهن شيشن وارن چشمن مان ٿلها چشما پاتائين. جيئن پوءِ تيئن آپريشن مٿان آپريشن ڪرائي هوءَ برابر ڏسي نه پئي سگهي. رگهناٿ ۽ رما آفيس واري دؤر ۾ پنهنجي زيردستن توڙي بالا عملدارن سان تمام همدردي ۽ مددي طرح پيش ايندا هئا. کين ٻين جو دک درد محسوس ٿيندو هو. اُن کي دور ڪرڻ لاءِ هر ڪا مدد ۽ قرباني ڪندا هئا. آفيس جي اتالي ۾ ساٿي ڪم ڪندڙن کي سندن شخصي مسئلن حل ڪرڻ ۾ ساٿ ڏيندا هئا. مالي تڪليف ۾ آيل ساٿين ۽ همراهن کي پئسي جي مدد ڏيڻ ۾ ڪوتاهي نه ڪندا هئا. لڳ ڀڳ هر ڪم ڪندڙ سندن وهنوار ۾ اڇي سندن ساٿ. سهڪار ۽ هر طرح اِمداد پائي نهال ٿيندو هو. پٽيو الن کي گهرو بيمارين يا نياٽيءَ جي شاديءَ لاءِ قرض پڻ ڏيندا هئا. وقتي سندن قرض معاف پڻ ڪندا هئا. جنهن ڪري هر هڪ ڪم ڪندڙ

رما ڪم ڪندي ٿڪبي نہ هئي. اڪثر آفيس وقت کان وڌيڪ ويهي ڪم جو اُڪلاءُ ڪندي هئي. پنهنجون رهيل موڪلون پڻ ڪا نہ وٺندي هئي. رگھنات اهو ڏسي رما کي ڪم ۾ مدد ڪرڻ جي رٿ پيش ڪئي. پر رما هئي جو ٻئي ڪنهن جي مدد وٺڻ لاءِ تيار نہ هئي. پر آفيس کي ڪنيل آڊٽ کي پوري ڪرڻ ۾ جلدي هئي. تنهن ڪري رگھنات کيس ڪم ۾ واهر ڪندو هو. ٻئي گڏجي تيم ٺاهي ڪنيل ٺيڪي جو ڪم وقت سر پورو ڪندا هئا. اَنگن اَکرن کي پڙهڻ لکڻ، درستيون ڪرڻ ۾ رما جون اکيون ڪمزور ٿيڻ لڳيون. جنهن ڪري ٿلهن شيشن وارا چشما پائڻا پيس. رما ۽ رگھنات سموري اٽاليءِ ۾ پنهنجن رلڻي ملڻي سڀاءُ ۽ نهٺائيءَ ڪري ڪافي مشهور ٿي ويا. کين خبر بہ نہ پيئي تہ ڪم ڪندي ڪندي دوستيءَ مان محبت جي ڄاڙ ۾ ڪيئن وڪوڙجي ويا. بزنيس جون ميٽنگون گڏجاڻيون سندن زندگيءَ جا اهم ڪم ٿي پيا. آفيس جي گيٽ ٽُ گيٽر پارٽيون هنن کي ويجهو آندو.

اڪثر آفيس جا آڊٽ پورا ڪرڻ لاءِ کين دير شام تائين ويهي رهڻو پوندو هو. جنهن ڪري چانهہ ناشتو ۽ لنچ يا ليٽ ڊنر گڏجي کائيندا هئا. سموري آفيس جو اٽالو هڪ تيم طور ڪم ڪندو هو. پيا ڪلارڪ، ٽائيپسٽ ۽ آڊٽر ساٿي گڏ يڪمشتيءَ ۾ ڪم کي پوري ڪرڻ ۾ ساٿ ۽ سهڪار ڏيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ڪمپنيءَ جي آڊٽ واسطي کين پنهنجي آفيس مان ڪلائنٽ جي آفيس ۾ وڃي ڪم ڪرڻو پوندو هو. تنهن ڪري ساڳي ڪار يا ٽئڪسيءَ ۾ سفر ڪندا هئا. ڪم سانگي کين دير رات تائين پنهنجي اسٽاف سان گڏ آفيس ۾ رهڻو پوندو هو. جنهن ڪري هو هڪ ٻئي جي بلڪل نزديڪ ايندا هئا. هڪ ٻئي جي سڀاو ۽ عادتن کي پڻ سڃاڻڻ لڳا. هڪ ٻئي جي پسند ناپسند جي پڻ ڄاڻ پئجي وين. هڪ ٻئي کي سمجهڻ ۾ سندن ميل ملاقات مدد ڪندي هئي. آفيس جي پارٽين ۾ شريڪ ٿي دوستن جي ساٿ وقت گذارڻ لڳا. رگھنات ۽ رما کي ڏيري ڏيري هڪ ٻئي جي ڪشش محسوس ٿيڻ لڳي. سندن نزديڪي دوستي هاڻ پيار جي نازڪ احساس ۾ بدلجڻ لڳي هئي. رگھنات رما کي هڪ لائق ساٿڻ جي روپ ۾ ڏسڻ لڳو. رما کي بہ اهو پڪو احساس ٿيو تہ هو ٻئي هڪ ٻئي لاءِ ئي پيدا ٿيا آهن. آفيس جي

پريتم آيو پار ڪان

آشرم ۾ هفتي ڪان وٺي ستسنگ ٻڌڻ لاءِ ڀڳتن جي ڀيڙ هئي. هميشه وانگر اڄ به پرڀات سمي سنتن ۽ ششن اُٿي پرڀات سمرڻ ۽ منگلا آرتي ڌوم ڌام سان ڪئي هئي. مکيه ديوتا جي درشن ڪانپوءِ خوب ڪيرتن ڀڄن ڪيا ويا. آيل درشنارٿين کي چرنامرت ۽ پرساد ڏنو ويو هو. مکيه پروهت مهاراج سُندر آنند پارٿيءَ دل کولي پروچن ڪيو. سندس ڳوڙ گيان ۽ پريو پريم سان ڀريل پروچنن ڀڳتن ۽ شرڌالن کي بيحد موهي وڌو. پاڇاڙيءَ ۾ نئين آيل مهاتما ديوداس پڻ پنهنجي مٺڙ واڻيءَ ان سنگت کي جادوئي ڪرشمو ڪري ڏيکاريو. ديوداس هڪ سندر جوان شاندار شخصيت جو مالڪ هو. سندس هڪ هڪ اکر ۾ معنيٰ ۽ ڳوڙ سار ڀريل هو. پروچن پوري ٿيڻ کان پوءِ پنگت وچڻ جي نه پيئي ڪري. تنهن ڪري پرمکم مهنت سندر آنند اُٿي ڪري حاضرين کي مخاطب ٿي چيو، 'مان اڄ بيحد پرسن آهيان جو اسان جي سامهون ودوان سنت شري ديوداس مؤجود آهن. هنن ترمي شاسترن جو ابياس ڪري، اُنهن تي ڪوجناتمڪ ٿيسز لکي آهي. جنهن ڪري ڊاڪٽري حاصل ڪئي آهي. هن وقت اساڻجي آشرم ۾ رهي توهان سڀني شرڌالو ڀڳتن جو گيان وڌائي رهيا آهن. اُميد ته اِيندڙ سمي ۾ توهان سڀني کي سندن پروچن ٻڌڻ جو سونو موقعو ملندو رهندو. مهرباني ڪري پنهنجي گهرن ڏانهن پرستان ڪريو. عام جنتا، ڀڳت ۽ سنت ڏيري ڏيري هال مان ٻاهر وڃي رهيا هئا. اهڙي سمي ۾ وڏي دروازي مان هڪ- ٿي ساڌو هڪ نوجوان ڇوڪريءَ جو شرير کڻي هال ۾ داخل ٿيڻ لڳا. حاضرين اهو منظر ڏسي عجب وچان نهارڻ لڳا. ويندڙ بيهي ويا ۽ ويٺل ويهي رهيا. ساڌو هڪ نيم بيهوش ڇوڪريءَ کي

سندن هڪ نہ ھئي احسان هيٺ هوندو هو. اڄ رما جي نظر جي تڪليف کان سمورو اڻالو باخوبي واقف هئو. هرڪو اهادعا پيو ڪري تہ رما جو آپريشن ڪامياب وڃي. هيءَ آفيس جي فرشتو ٿل هڪ وار اسان سڀني جو ديدار ڪري. اسٽاف جي ساٿين مندرن، مسجدن ۽ گرجائن ۾ دعائون پنيون. سندن دلي مراد هئي تہ رما جي نظر هڪوار وري ساڄي ٿئي.

اڄ ڇهن مهنن کان رما بلڪل اپاهج بڻجي پيئي هئي. ڪنهن بہ دوا ڪيس شفاياب ڪو نہ ڪيو هو. رگهناٿ سندس سار سنڀار ۽ ٽهل ۾ ڪا بہ ڪمي ڪا نہ ڪا وتي هئي. پر گهرج هئي تہ ڪنهن اهڙي ديد جي ڊاڪٽر جي آپريشن ۾ مالڪ جي مٿان مهر جي. رما لاءِ هوشيار ڊاڪٽرن کان تپاس ڪرائي ويئي. سندس اک جي اندر احساس جو پردو (نگاه) ختم ٿي ويو هو. جنهن ڪري رما لڳ ڀڳ اَنڌي ٿي ويئي هئي. ڊاڪٽرن جو رايو هو تہ ڪو بہ انسان جي پنهنجي اک دان ۾ ڏئي يا اک جو ريٽينا پردو ڏيڻ لاءِ تيار ٿئي تہ رما وري ڏسي سگهندي. تمام گهٽي پڇا ڳاڇا ۽ ڳولها ڪئي ويئي هئي، اکين جي خاص اسپتالن مان جاچ ۽ پڇا ڪئي ويئي. هر هنڌ ريٽينا جي بونيشن لاءِ بونر ٿورا تہ گهر جائو گهڻا هئا. انتظار جون وڏيون قطارون هيون. هت وقت بلڪل ٿورو اڇي باڇيو هو. آپريشن جيترو جلد ٿئي تہ اوترو فائدو سولو ٿيندو.

آخر هڪ بونر راضي ٿيو اهو هو رگهناٿ جي آفيس جو پٽيو الو تاراچند. تاراچند کي اڏ لک رپين جي آفر ڏني ويئي پر هو هڪ پائي بہ وٺڻ لاءِ تيار نہ هو. چيائين، ” رما جا مون تي ٿورا بيشمار آهن. هن منهنجي زال جي بيماريءَ مهل پئسي جي مدد ڪئي. منهنجي ڌيءَ جي شاديءَ ۾ مونکي رگهناٿ هزارن جي مدد ڪئي. پوءِ پلا ايشور جي ڪرپا سان آڄ احسان لاهڻ جو موقعو مليو اٿم. رما منهنجي ڀيڻ آهي. مان سندس پيار جو قائل آهيان. هڪ اک جو ريٽينا تہ ڇا مان تہ ٻئي اکيون ڏيندس.“

آپريشن ڪاميابي سان ٿي گذريو. رما جون پٽيون کليون. هن سڀ کان پهرين پٽيو الي تاراچند کي ڏسڻ چاهيو. رما چيو، ” تون منهنجي پيءُ برابر آهين. اڄ تو مونکي وري دنيا جو ديدار ڪرايو آهي. تنهنجا مون تي لک ٿورا آهن. رما رگهناٿ ۽ تاراچند جي نيترن مان سڪ سندا لڙڪ وهڻ لڳا.

و؟ ''ديويداس شانتيءَ سان وراڻيو. ''ها مان سلونيءَ کي خوب چاڻان. هيءَ
تنهنجي نندپڻ جي دوست آهي؟'' سيني کي حيراني وٺي ويئي ديوداس
سلوني کي مخاطب ٿي چيو. 'سلوني تون فڪر نہ ڪر. مان تنهنجي
ڪا مدد ڪندس.'' سلونيءَ جي اکين مان بيشمار آنسن جي ڌارا وهڻ
گي. هوءَ سڏڪا ڀري روئي رهي هئي. سڀ حاضرين وائڙا ٿي هيءَ ماجرا
سي رهيا هئا.

ديويداس ماضيءَ جي دنيا ۾ هليو ويو. ڳوٺ جي چئوپال ۾ هڪ ٻزن
چوڪرا ڇوڪريون راند ڪري رهيا هئا. صبح جو ڳوٺ جي سڪول ۾
ڏ پڙهڻ ويندا هئا. منجهند جو پنهنجي گهرن ۾ پهچي آرامي ٿيندا
ئا. شام جو آسپاس جا سڀ پروسي شاگرد پاڙ ۾ گڏجي رانديون ڪندا
ئا. سلوني پنهنجين ساهيڙين جي ٽيم ٺاهي هر هميشه ونجهوتي. ڪڏهن
لنگڙي راند ۾ اول ايندي هئي. هوءَ تمام سياڻي چست ۽ هڪ ذهين ڇوڪري
ئي. ديوداس پڻ ڇوڪرن جي ٽولي ٺاهي خوب راندين ۾ ڀرو وٺندو
و. سلوني ۽ هو هڪ ٻئي جي پرسان رهندا هئا. هڪ ٻئي جي ڪتب ۾
يندا ويندا هئا. نندپڻ ۾ ٻئي سچ جا ڪوڏيا. پنهنجي سڻائي ۽ سشيل
هنوار ڪان مشهور هئا. سلوني پڙهڻ ۾ سقلتا حاصل ڪئي جنهن ڪري
ڀريون نمبر آئي. ديويداس پڻ پاس ٿي سٺيون مارڪون ڪنيون هيون.
سندن ڪتنب جا ياتي ڪين گهٽو پائيندا هئا. ديويداس وڌيڪ تعليم حاصل
ڪرڻ لاءِ شهر هلي ويو. جنهن ڪري ڪيترا ئي سال ڳوٺ واسين ۽
ڀاڙيوارن جي حال چال ڪان محروم رهيو. هو هڪ وڏي يونورسٽيءَ ۾
ايم.اي (سوشيلاجي) ۾ ڪري ٻي.لٽ لاءِ ڪوجنا ڪرڻ لڳو. سخت
محنت ڪري هن فلاسافي آورليجين ۾ ڊگري حاصل ڪئي. جنهن ڪري
ڪيس اَسسٽنٽ ليڪچرر جي نوڪري ملي. ديويداس هر ڳالهہ کي گهڙي
موني سمجهڻ چاهيندو هو. اُن جو اونهو ابياس ڪندو هو. ڇنڊڇاڻ
ڪري ثابتيون حاصل ڪري پوءِ نتيجي تي پهچندو هو. اِنهيءَ ڪري
سيني ڌرمن جي ڪتابن. هندو شاسترن جو وستار سان ابياس ڪيو هو.
هو پاوناڪان وڌيڪ ترڪ (Logic) کي توج ڏيندو هو. جنهن ڪري سندس
نظريو شافي ۽ خيالات ڪشادا هوندا هئا. هن ڌرمي استانن، تيرٿن ۽ پرانن

ڏيري ڏيري ڪٽي اِسٽيج تي آيا. سيني کي حيراني هئي تہ ڪهڙو تماشو آهي. هرڪو اسٽيج ڏانهن عجب وچان ڏسي رهيو هو. سندر آنند اڳتي وڌي ساڌن کان پڇيو ويو ”ساڌو هيءَ ڪير آهي؟ هيءَ توهان کي ڪٿي ملي؟“ ساڌن مختصر ۾ مهنت کي ٻڌايو ، ”شروعٽي اسين نديءَ ڪناري اِشنان ڪري رهيا هئاسين. تہ هن ڇوڪريءَ خبر ناهي ڪٿان اچي پاڻ کي نديءَ ۾ ڦٽي ڪيو. اسان يڪدم ٽري ڪري ٻڌندڙ ٻالڪا کي ٻاهر ڪڍيو ۽ ڪيس بچائڻ جا اُپاءُ ڪيا. پوءِ اسين ڪيس نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ هن آشرم ۾ کڻي آيا آهيون.“ مهنت جي آڪيا سان سنت ڇوڪريءَ کي کڻي، آشرم جي ڀرسان نيي اسپتال ۾ آيا. وئدن سندس علاج ڪري جلد ئي کيس نوبنو ۽ تندرست ڪري ڇڏيو. پاڇا ڳاڇا ڪانپوءِ ڇوڪريءَ هيءُ وارداتِ ٻڌائي.

”منهنجو نالو سلوني آهي، مان شري پريم ناگر جي ڌيءَ آهيان. منهنجو وواه دولترام جي پٽ پرتاب سان ٿيو آهي. وواه ۾ منهنجو پتا گهوٽيتن جي گهربل ڏيتي ليتي ڏيئي نہ سگهيو انهيءَ ڪري اُنهن منهنجو تياڳ ڪري بارات واپس وٺي ويا. منهنجي ماءُ کي گذرئي ٻہ سال ٿيا آهن ۽ پتا پنهنجي ٻني وڪڻي منهنجي شادي رچائي آهي. سماج جي اندر منهنجي پتا ۽ ڪٽنب جي بي عزتي ٿي آهي. پتا کي دل جو دورو پيو ۽ هو گذر ڪري ويو آهي. مان پنهنجي ڪٽنب ۾ اڪيلي رهجي ويئي آهيان. مون زندگي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. جنهن ڪري پتا جي اگني سنسڪار ڪانپوءِ مون نديءَ ۾ ٻڏي آتم هتيا ڪرڻ جو نشچو ڪيو. مون کي مرڻ ڏيو . هاڻ مان ڪنهن لاءِ جيئان؟“ اها ڳالهہ ٻڌي مهنت تپرس ۾ پئجي ويو. سڀ ساڌو ۽ وئد هڪ ٻئي جو منهن تڪي رهيا هئا. ايتري ۾ آيل نوجوان ديوداس پڻ اچي پهتو. هيٺ جهڪي بستري تي ليٽيل ڇوڪريءَ کي جاچي ڏٺائين. هو عجب ۽ حيرانيءَ ۾ پئجي ويو! سندس وات مان نڪتو: ’اڙي هيءَ تہ سلوني ناگر آهي! هيءَ منهنجي پروسي پريم ناگر جي ڌيءَ آهي!!‘ هن جي وات مان نڪتو، ”سلوني! سلوني! توکي ڇا ٿيو آهي؟ تون هت هن حالت ۾ ڪيئن؟“ سيني سندن ڏانهن نهاريو. مهنت پڇيو، ’ديوداس‘ تون هن ڇوڪريءَ کي سڃاڻين ٿو؟

جو سرجن ڪندي هئي. پنهنجن مٺن ٻولن، سلڇڻي وهنوار سان سموري ڳوٺ ۾ پريم ۽ سنمان پائيندي هئي. سندر سهڻي، ڊيل جهڙي چال واري، ڪنهن کو پيءَ کان گهٽ ڪا نه هئي. ديويداس کي هن جي سياڻ ۽ عادتن ڏايو موهيو هو. هوُ هميشه ساڻس ڳالهين ڪرڻ، رانديون رمڻ ۽ ساٿ رهڻ پسند ڪندو هو. پاڙي جي ٻارن ۾ هڪ الوڪوڪ مترتا جو ساٿ بڻيو هو. ڳوٺ ساڄي ۾ سڀ هڪ ٻئي جي عزت ۽ قدر ڪندا هئا. اڄ ديويداس کي ڳوٺ ڇڏئي عرصو ٿيو هو، هن پاڙيوارن ۽ ڳوٺ جي ڳاڻ ڳٽيل مردن کي ڪو نه وساريو هو. پر هي ڇا؟ سلونيءَ جي حالت ڏسي سندس ڌرن ڏڪي ويئي هئي، سندس من ۾ هڪ عجيب هلچل مچي ويئي هئي . سندس آتما سلونيءَ جي دک ۾ دکي ٿي هئي. هوُ بار بار سوچي رهيو هو ته ماڻهن کي ڇا ٿي ويو آهي؟ ٿوري ڌن دولت ۽ مال اسباب جي خاطر انسانيت ڇڏي هڻڙا ڪڪرم ڪن ٿا. هيءَ ڏيتي ليتي ڏائڻ اساڻجي قوم کي اندران ئي اندران کائي کوکلو ڪري ڇڏيندي. مونکي ان خراب رواج خلاف هڪ جنگ ڇيڙڻي پوندي. مان پنهنجو ساڄو جيون ڏيتي ليتيءِ خلاف پرچار ڪندس. ماڻهن ۾ چوڪرين لاءِ مان، قدر ۽ انصاف پيدا ڪندس. ڌيءَ هڪ لڪشمي ۽ عورت هڪ ديوي آهي.

آشرم جي مهنت سندر آنند پارتيءَ لاءِ هڪ وڏو مسئلو ٿي پيو هو. سندس آشرم ۾ پرش رهي سگهندا هئا، پر استرين کي ٽڪڻ جي منع هئي.صرف ڏينهن ڏٺي جو ڀڳتن شيو اڌارڻ ۽ ٻاهران ايندڙ زالون اچي سگهنديون هيون. سلونيءَ جو علاج وئديه وڏي توجهُ سان ڪري رهيا هئا. هوءَ ٻن ٽن ڏينهن ۾ هلڻ چلڻ لائق بڻجي ويئي. مهنت سوچي رهيو هو ته هاڻ ڇا ڪجي؟ آشرم جي نيم مطابق سلوني کي هلي وڃڻ کپي. پر سوچيائين ته هيءَ دکن جي ماري اهلا وڃي ته وڃي ڪٿي؟ سندس اوهي واهي نه بڇيو هو. شرڻ ۾ آيل هر جيو کي سهارو ڏيڻ ڌرم آهي. آشرم مان ڪنهن کي بي سهاري لوڏي ڪيڻ به نيتي مريادا خلاف هو. صباح ساڻ آشرم جي مندر ۾ پرماتما جي آرتي ارچنا ۽ پوڄا سماپت ڪري مهنت ننيو پروچن ڏنو. ان جو سار هو ته سرڻ پئي جي لاج رکڻ ڌرم نيتي آهي. آخر ۾ مهنت سندر آنند سنگت کي مخاطب ٿي چيو، ’مونکي

مندرن ۽ ڪنڌرن جو باريڪيءَ سان ديدار ۽ جاچ ڪئي هئي. وڏن ڏٺن تي پوتر ندين ۾ اشنان ڪرڻ، ورت رکڻ ۽ ڪنڀ جي ميلن ۾ شرڪت ڪرڻ سندس زندگيءَ جا اهم ۽ ضروري حصا بڻجي پيا. هڪ ڏينهن ويچار آيس ته ڪاليج ۾ شاگردن کي فلاسافي پاڙهڻ ته سٺو ڪم آهي، پر سماج اندر رهندڙ منشن کي به سکيا ۽ سنسڪارن جي ضرورت آهي. جيڪڏهن پريوار ۾ هر رهندڙ پارتيءَ کي سمجهه هجي ته هوُ صرف پنهنجي لاءِ ۽ ڪٽنب پريوار کان به مٿي سموري سماج لاءِ پيدا ٿيو آهي اهو سوچي ته بهتر ٿيندو. جانور تي ڪائڻ پيئڻ ۾ موُج مزا ڪرڻ ۽ ننجي سوارٿ هيٺ سمورا سک سميٽڻ لاءِ ڪو نه پيدا ٿيو آهي. ان ڪري ٻين جي اِڇائن، ڀاونائن ۽ ڪهرجن جو به قدر ڪرڻو آهي. ٻين جي حقن ۽ سُکن جو به اونو رکڻو آهي. گهر، ذات نيات کان ٻاهر پنهنجي سموري سماج جي ڀلائي ڪرڻي آهي. هر جيو پراڻيءَ جي حياتي ۽ بهتريءَ جو اونو ڪرڻو آهي. اسين جانورن و انگر پيدا ٿيون ٿا، منشن و انگر اسان جي پالنا ٿئي ٿي ته اسان کي ديوتائن و انگر سيني ساهوارن سموري ڪائنات جي سنڀال پڻ ڪرڻي آهي، تڏهن ويدن ۾ چيل ۽ رشين جي صلاحن سان هلي ڪري مانو ڌرم ۽ سرشٽي جي ڪرم سان سنسار ۾ سرڳ آڻي سگهنداسين. پرتوي سوارٿي لالچن ۽ ظالم سياءُ وارن ماڻهن ڪري دکي ٿي رهي آهي. ڪائنات پڻ ان پاپ ڪرم ڪري اُٿل پٿل ۾ آيل آهي. اسان کي نئين دنيا، سٺي سرشٽي ۽ آننداي ڪ ماحول پيدا ڪرڻو آهي. اهو ئي پويتر مانو ڌرم آهي. اِنهن ويچارن کان متاثر ٿي ديويداس جنتا ۾ پروچن، ليڪچر ڪري هڪ سکداي ڪ. شيو اداري جي ڀاونا واري سماج ۽ سريشٽيءَ ۾ سريشٽ مانو نرماڻ ڪرڻ جو سنڪلپ ڪيو هو. هن وقت، ديويداس سندر آنند پارتيءَ جي آشاوادي آشرم ۾ دل کولي پروچن ڪندو هو. پنهنجي پوتر آتما، سريشٽ من وچن سان سيني جو مارگ روشن ڪندو هو. ان ۾ پنهنجي زندگيءَ جي سارٿڪتا (اهميت) سمجهندو هو.

اڄ جي ڳهتنا ديويداس کي ڌوڏي ڇڏيو هو. سندس روح ۽ من ۾ نئي وڏي ويچار هيٺ اچي ويا هئا. سلوني سندس ننڍي هوندي جي سکي هئي. هيءَ پاڙي جي هڪ پوتر ٻالڪا. سيني جي دلين ۾ هڪ ممتا ۽ موه

درد نہ ڄاڻي ڪوئي

سنگيتا سڪول ۾ پاڙهي، شام جو گهر ۾ گهڙي، پنهنجي بئگ مان ڪتاب ۽ ڪاپيون ڪڍي ٽيبل تي ٺاهي رکيائين. هٿ منهن ڌوئي، ڪپڙا بدلائي، رنڌڻي ۾ گهڙي جلدي ۾ چانهه ۽ ٽوسٽ ٺاهي ورتائين. ٽري ۾ ڻي اچي برائنگ روم ۾ ويٺي. ٽوسٽ مان ٽڪڙ پڇي کائڻ لڳي. مٿان رما گرم چانهه جون چسڪيون ورتائين. ٿوري ئي وقت ۾ پاڻ کي چست ۽ ڦڙت محسوس ڪيائين. ميز تي رکيل اخبار جون هيڊ لائينس پڙهيائين. اوله يورپ ديسن ۾ رسيشن ۽ انفليشن هارڻ هاري وڌو آهي. ڌنڌن وارن کي ڳاٽي پڳا نقصان پيا هئا ۽ وڏين نوڪرين وارن پنهنجون نوڪرين تان هٿ ڌوئي ويٺا هئا. پڙهندي پڙهندي سندس نظر آفريڪا جي خبرن تي پيئي. کيس ياد آيو ته پاءُ هرڪشن فون تي ڪلهه ٻڌايس ته واپارين لاءِ ڪهڙيون نازڪ حالتون اچي ويون آهن. کيس ننڍپڻ ۽ جوانيءَ جا شروعات وارا ڏينهن ياد آيا. هوءَ ماضيءَ جي سونهري زماني ۾ گُم ٿي ويئي.

سنگيتا اسڪول مان موٽندي هئي ته گهر ۾ گهرندي نوڪر سندس اسڪولي بيگ ۽ بوٽ جوراب وٺي وڃي ڌڪ لائيندو هو. واش روم مان نڪري گهر جا صاف سٿرا ڪپڙا پهري اچي ڊائنگ ٽيبل تي وهندي هئي. سندس گهر جي نوڪرياڻي روزي ميز تي ٽري رکي سندس لاءِ چانه ڪوپ ۾ لاهيندي هئي. گرم گرم ٽوسٽ ڏيندي هئس. کيس هٿ ۾ نئپڪن ڏيئي ويندي هئي. ناشتو ڪري سنگيتا هڪ ڪلاڪ ٽي.وي پروگرام ڏسندي هئي. سندس ماءُ رجني پڻ اچي سندس پرسان وهندي هئي.

ڪو بہ پريوار ڪانهي. تنهن ڪري مان سلونيءَ کي پنهنجي ڌرم جي
ڌيءَ ڪري سويڪار ڪريان ٿو. جنهن ڪري هيءُ هت آشرم ۾ رهي
سگهندي.' ائين چئي گنگا جل ڪٽي سلونيءَ جي هٿ ۾ ڏنائين. ساڌن
سنتن ۽ ڀڳتن گلن جي ورکا ڪئي. سلونيءَ جي نيترن مان گنگا جمنا جون
ڌارائون وهي نڪتيون. هوءَ خوشيءَ ۽ عجب مان نهاري رهي هئي. سلونيءَ
اڳيان وڌي مهنت سندر آنند جا چرن ڇهيا. سيني ساڌ سنتن جي آشيرواد
پراپت ڪيائين.

سلوني آشرم جي شيوا جي ڪارج، صاف صفائي، پاٺي پڙهڻ ۽
گئون جي شيوا ٽهل ۾ لڳي ويئي. سندس لاءِ آشرم ۾ هڪ ڪمرو الڳ
مقرر ٿيل هئو. ديويداس پاڻ کي سلونيءَ کان دور رکيو. جيئن آشرم جي
اُصول ۽ مريادا جو اُلنگهڻ نہ ٿئي. هڪ شام جو ڪٿا ڪيرتن پورو ٿيو
تہ ديويداس اُٿي آيو. اچڻ سان مهنت سندر آنند پارتي، ٻين سنتن ۽ بزرگ
ن کي پيري پيو. سڀ سندس اِن وهنوار مان عجب کائي رهيا هئا. سڀ کان
وچتر ڳالهہ اِها هئي تہ اڄ ديويداس کي سفيد ڪرتو پئجامو پيل هو.
ڪو بہ ڀڳوي رنگ جو وستر نہ هئو. پوءِ هو مکيہ ديوتا جي سامهون
پرارٿنا ڪرڻ لڳو.

'هي پربو! مونکي معاف ڪر، مان پنهنجو سنياس ڇڏي گرهست آشرم
۾ وڃان ٿو. ڇاڪاڻ تہ هري ڪرشنا! توهان گيتا ۾ گيان ڏيئي چيو آهي.
'هي ارجن! ڌرم کان وڏيڪ ڪرم آهي، سيني ڪارين ۾ اُتم آهي منش
ڪلياڻ! تنهن ڪري هي پربو مونکي آگيا ڏيو.' ائين چئي مهنت سندر آنند
پارتي جي سامهون بيهي عرض ڪيائين، 'هي مهاتما! مون نسوارٿ ڀاونا
سان سنسار تياڳي توهان جي شيوا ارچنا ڪئي آهي. هاڻ منهنجي آتما
چوي ٿي تہ مان گرهستي بڻجي سلونيءَ جي زندگي سنواريان. توهين پتا
سروپ آهيو. مونکي سلوني جو هٿ سونپيو تہ مان منش ڌرم جو پالن
ڪريان.' مهنت اهو ٻڌي اُٿي کڙو ٿيو، چيائين،' هي وتس (پٽ) تو
منهنجو ڌرم سنڪٽ دور ڪيو آهي. مان توهان بلڪل خوش آهيان. مان
توکي پتري سلوني سان شادي ڪرائيندس پربو ڪري تہ تو جهڙا لکين
نوجوان ڀارت ديش ۾ جمن.' حاضرين خوشيءَ مان تاڙيون وڄايون.

نگيتا پنهنجي خيالن مان ڇرڪ ڀري اُٿي. دروازي جي گهنٽي بار بار
جي رهي هئي. سنگيتا اُٿي در کوليو، سندس ٻئي پٽ وجيه ۽ ونيه اندر
. ايندئي ماءُ کي ڀاڪر پائي مليا. ونيه ماءُ کي ڀاڪر پائي پڇيو،
مي هئو آر يو؟" سنگيتا پٽن کي ڀاڪر ۾ جهلي مٺيون ڏنيون. کين
ر وٺي آئي. ٻئي پٽ ڪپڙا مٽي، هٿ منهن ڌوئي اچي ميز تي ويٺا.
نگيتا کين گرم کير ۾ بورنويٽا ملائي ۽ ٽوسٽ ڏنا. وڏي پٽ کي ماءُ جو
نو هوندو هو. ننڍو پٽ وري ماءُ جو پاسو ئي ڪو نه ڇڏيندو هو. شايد
و سنگيتا جي اڪيلائپ کان واقف هئا. کين هميشه ماءُ کي ساٿ ڏيڻ جي
ون هوندي هئي. ناني مدناٽيءَ وڏي پٽ لاءِ مال خريد ڪرڻ لاءِ آفيس
ولي هئي. ننڍو پٽ ونيه ڪاليج جي تعليم وٺي رهيو هو. ڪاليج کانپوءِ
ڏو پاءُ جي آفيس ۾ ويندو هو. جتان ٻئي گڏجي گهر ايندا هئا. اڄ به
ئين ٿيو هو. سنگيتا پٽن سان گفتگو ڪرڻ ۾ هڪوار ماضيءَ جي دنيا کي
ساري زمان حال ۾ موٽي آئي هئي. ٻئي ڀائر رات جو ڊنر کائي، ٿورو
قت ٽي.وي ڏسي پنهنجين بيڊ رومس ۾ ويا.
سنگيتا فارغ ٿي اچي پنهنجي بيڊ تي ليٽي. ٿورو وقت سڄي ڏينهن
جي گهٽنائن کي ياد ڪري پلٽي ماري ايشور در پرارٿنا ڪرڻ لڳي. هوءَ
ينهن رات به دفعا پرماتما جا شڪرانا مڃيندي هئي. سنگيتا بستري تي
يٽي ۽ ڪمبل کي گوڏن تائين ڇڪي ورتائين. ايتري ۾ ڪيس ساهيڙي
رتنا جي ڳالهه ياد آئي. رتنا نائيجيريا مان تازو موٽي هئي. پوني ۾
يڪن وٽ رهڻ آئي هئي. رتنا اڄ سنگيتا جي دل جا ستل سُر جاڳائي
ڏا هئا. رتنا کيس ٻڌايو، "سنگيتا مون اڄ راڪيش کي سنڌين جي
ڪئمپ ۾ ڏٺو." سندس حالت جو بيان ڪيو. راڪيش جيڪو اڄ کان
٢٥ سال پهرين سندس پيءُ وٽ ڪلارڪ ٿي آيو هو. سهڻو سنُو نوجوان
هو، هلت چلت ڪنهن هيرو کان گهٽ ڪا نه هئس. ڳالهائڻ جو مٺو،
حرفت باز ۽ بيحد چنچل سڀاءُ جو هو. سيني کي پنهنجي مٺڙي ٻولن
سان موهيندو هو. هلڻ چلڻ ۾ بيحد فضيلت ۽ چالاڪي وارو هو. جلدي ئي
سموري اِسٽاف ۾ مشهور ٿي ويو هو. سنگيتا کي سندس پهرين ملاقات

ڏيءَ کان سڪول بابت ڳالھ ٻولھ ڪندي هئي. ڪلاڪ هڪ ڪانپو
ڊرائيور پيٽر ڪار ڪڍي ايندو هو. سنگيتا کي اچي ادب سان چوندو هو
ميم صاحب گاڏي تيار آهي. سنگيتا ماءُ کي ڀاڪر پائي، هٿ ۾ بئڊمنٽ
جي رئڪيٽ کڻي اچي ڪار ۾ وهندي هئي. رستي تان ڪار بيهار
چيونگم ۽ چاڪليٽ وٺندي هئي. اِنڊيا ڪلب پھچي ٽڪڙي ٽڪڙ
بئڊمنٽن جي ڪورٽ وٽ پھچندي هئي. سندس ساهيڙيون رنجنا، سون
۽ ماريا ۽ هڪ ٻہ ساٿي ڪلاڙي رميش، ٽوني ۽ سنيل ڪيس وش ڪندا هئ
سنگيتا ڪلاڪ هڪ راند ڪري دل وندرائي سُڪون پائيندي هئي. پو
ساهڙين کي وٺي ڪلب جي ڪئنٽين ۾ فروٽ ڪاڪٽيل جوز پئيندي
هئي. سڄو وقت ساهيڙين سان مزيدار ڳاله ٻول ۽ کل مسخريءَ ۾ وقت
لنگهاريندي هئي. شام جو گهر موٽي پنھنجو هوم ورڪ ڪري پيءُ راجيش
مدناڻي ۽ ماءُ رجني ۽ ڀاءُ موتيءَ سان گڏجي ڊنر ڪندي هئي. سنگيتا
موتي لاڏلا، سڪيلڌا ٻار هئا. سندن ماءُ پيءَ قربان پيا ويندا هئا. ڪين ه
شيءِ ترڙيءَ تي مؤجود ڪرائي ڏيندا هئا. راجيش مدناڻي هڪ ڪامياب
بزنيس مئن هو. هنجو سموري نائجيريا جي واپاري ڪيتر ۾ عزت سان نالو
ڳڻيو ويندو هو. هنڪي ٻہ ڏي ۽ ريزڪي جا ڪم هئا. سندس 'امر جو تي
سپر مارڪيٽ تمام مشهور هئي. اِن سپر مارڪيٽ لاءِ هو بمبئي اچي
سپر مارڪيٽ لاءِ ڪم ڪار لاءِ ماڻهو چونبي ڪڻندو هو. هو هميشه چاهيندو
هو تہ، سيلس مئن، ڪلارڪ، اَڪائونٽنٽ ۽ ٻيا جيترا سنڌي هجن او ترو
سٺو. پنھنجي اسٽاف لاءِ هڪ بلڊنگ ۾ رهائش ۽ ڪاڏي ڪارائڻ جو سٺو
بندوبست ڪيو هئائين. کين واجبي پگهار ۽ لوازم ڏيندو هو. سندن هر
گهرج پوري ڪندو هو.

سال ۾ هڪ ٻہ دفعو اِسٽاف کي ٽي پارٽي ۽ گيٽ ٽُگيدر ڪرائيندو هو.
جتي اِسٽاف وارا سنگيت ۽ ننڍين راندين جو ڪاريہ ڪرم ڪندا هئا.
لوڪل اِسٽاف پنھنجي سموري فئملي سميت شرڪت ڪندا هئا. جن
۾ زالون ۽ ڇوڪريون خوب شد مد سان ڀرو وٺنديون هيون. سيني کي
سٺيون سٺيون سوکڙيون ۽ انعام اِڪرار ڏيئي خوش ڪيو ويندو هو.

وش کي صبر سان سٺو. پر جڏهن راڪيش دڪان تي پڻ پورو وقت نہ ڏيڻ لڳو ۽ ڪوڙا بهانا ڏيڻ لڳو. جنهن ڪري سنگيتا ۽ راڪيش وچ ۾ بحث مباحث ٿيڻ لڳو. راڪيش سچ کي لڪائي ڪوڙ جو سهارو وٺڻ ۾ ماهر هو. راڪيش جو ٻاهريون پيار کوکلو نڪتو. هن سنگيتا سان شادي راجيش مدناڻيءَ جي دولت ڏسي ڪئي هئي. سندس لالچ ۽ ساهرن کان ڳ هرون ڪرڻ ۽ ٻارن کي پيار سان نہ سنڀالڻ جي عادت سنگيتا کي هڪ پش پيش ۾ وجهي ڇڏيو. هوءَ اَڪيلائي ۾ روئڻ لڳي. اکين مان آنسون وهڻ لڳندا هئس. پاڻ کي ڏوهہ ڏيڻ لڳي. ”مون هي ڇا ڪيو؟“ ڪهڙي ڪوڙي ڪپٽي ۽ لالچي اِنسان جي ور چڙهي ويس. مون کي تہ ٻولها هئي سچي پريميءَ جي هي تہ صرف ڪروڌي ۽ ڪپٽي نڪتو.

پنجن سالن کان پوءِ راڪيش سنگيتا ٻہ پٽ وٺي ڀارت ۾ موڪلون ملهائڻ لاءِ آيا. اُتي پوني ۾ پنهنجن مائٽن وٽ اچي رهيو. سندس مائٽن کي سنگيتا سان ڪو پيار يا سنيهہ ڪو نہ هو. هت سنگيتا کي هميشه رهڻ لاءِ زور پيڙيائون. راڪيش پڻ کيس ۽ ٻارن کي پوني ۾ ڇڏي وڃڻ جو فيصلو ڪيو. اِها ڳالهہ سنگيتا کي نامنظور هئي. جنهن ڪري سندن وچ ۾ ڪافي جهڳڙو ۽ فساد ٿيو. راڪيش سنگيتا کي مارڻ لڳو. اهو روئداد ڏسي سنگيتا خوب پڇتايو، ٻاڏايو ۽ روڏن ڪيو. پر ڪو بہ سندس ساٿ نہ ٿيو. سنگيتا جا ٻہ پٽ هتي نندڍڪا ۽ اپالا ٿي پيا هئا. هندورن ۾ لڏڻ وارا اچي پٽ ۾ پيا. راڪيش تہ هو سو ارٿي. کيس صرف عيش آرام شراب ڪباب ۽ ڪام واسنا کپندي هئي. جنهن ڪري ڪافي ڪٽ پٽ بعد ٻنهي آفريڪا واپس ورڻ جو فيصلو ڪيو. جيئن تيئن ڪري راڪيش کين نائجريا ۾ واپس وٺي آيو. اچڻ شرط سنگيتا ساري روعداد مائٽن کي ٻڌائي. جنهن ڪري راجيش مدناڻي راڪيش کان جواب طلب ڪيو. توکي ڪهڙو حق آهي سنگيتا تي هٿ هلائڻ جو. هوءَ تنهنجي زال ۽ ساٿي آهي. هوءَ تنهنجي غلام ناهي. راڪيش ڪجهہ وقت سڌري هليو. پر ٻن ٽن مهنن کانپوءِ ساڳيو وهنوار، ڪوڙ ڪپٽ، زور ظلم ۽ نشو پتو. آخر تنگ ٿي سنگيتا ڪورٽ جي شرڻ ورتي. ڪافي ڪيس هليا ۽ دليلون پيش ٿيون. آخر

موهي وڌو هو. هن محسوس ڪيو تہ هي نوجوان سيني کان نرالو ۽
موهيندڙ آهي. ڏياريءَ جي جشن ۾ راڪيش سٺي سُر ۾ گانا ڳايا هئا. سيني
کُلي دل سان سندس ساراہ پئي ڪئي. راڪيش سموري محفل کي پنهنجن
گانن گيتن سان موهت ڪري ڇڏيو هو. کيس انعام اِڪرام بہ خوب مليا.
سنگيتا کيس سندس سڦلتا تي واڌايون ڏنيون هيون. تڏهن اٿاڇاٿيءَ ۾
ٻنهي جون اکيون چار ٿيون هيون. سنگيتا جي دل جي ڌڙڪن تيز ٿي
هئي. هن راڪيش لاءِ ڪشش محسوس ڪئي. سنگيتا ۽ راڪيش پاڻ ۾
وقت بہ وقت ملندا رهيا. ڪڏهن انڊيا ڪلب ۾ تہ ڪڏهن سماجڪ ڪاريہ
ڪرم ۾. انهن جي وچ ۾ هاڻ سڄاڻپ کان وڌيڪ هڪ گهڙي دوستي
ٻڌجي ويئي. ٻنهي کي محسوس ٿيو تہ ٻئي هڪ ٻئي جي لائق آهن.
راڪيش ڳالهين ڪرڻ ۾ ماهر هو. هن سنگيتا کي پنهنجي ڳائڻ سان پڻ
پاڻ ڏانهن ڇڪيو. آخر سندن نزديڪي مائٽن کي معلوم ٿي. سنگيتا
جي ضد ڪرڻ تي سندس پيءُ راڪيش سان سنگ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو.
هن کي لڳو تہ هي ڇوڪرو اڳتي هلي سنگيتا کي خوش رکي سگهندو.
راجيش مدناڻي زال رجني جي زور ڀرڻ تي ٻنهي جي مڱڻي ڪئي.
ڇهن مهنن کانپوءِ سندن وهانءُ اِنڊيا ڪلب ۾ رکيو ويو. راڪيش جي
پاران صرف سندس هڪ ياءُ گهنا مان شاديءَ ۾ شريڪ ٿيو. هيڏانهن مدناڻيءَ
جا مٽ مائٽ ۽ دوست جهجهي انداز ۾ شامل ٿيا. شادي سک سان ٿي گ
ذري. راجيش مدناڻي راڪيش کي هڪ ڪئبن خريد ڪري ۽ هڪ جدا گ
هر مسواڙ تي وٺي ڏنو. جتي سنگيتا ۽ راڪيش پنهنجو نئون جيون
شروع ڪيو. ڪافي وقت گذرندو رهيو. سنگيتا هڪ پٽيان بہ پٽ ڄاوا.
جنهن ڪري ٻئي ڪافي مشغول رهندا هئا. آهستي آهستي راڪيش بيئر
پيئڻ سان وسڪي ۽ ٻيا ولائتي شراب پيئڻ لڳو. سال ٻن ۾ بلڪل شرابي
ٿي پيو. ماس مڇي بہ هر وقت کائيندو هو. ڪو بہ وڏو ننڍو ڏڻ وار ڪو
نہ واريندو هو. ڏيري ڏيري سندس گهرجون وڌنديون ويون. سندس اصلي
سياءُ اهنڪار ۽ ڪروڌ ظاهر ٿيڻ لڳا. ڪا بہ مرضي پوري نہ ٿيڻ تي
راڪيش جهڳڙو يا گهوڙ غنبور ڪندو هو. شروع شروع ۾ تہ سنگيتا اِن

انوکو ملڻ

سيارو صفيد برف جي چادر چؤ طرف وڇائي رهيو هئو. اوچا پهاڙ برف جي ڇپن هيٺ ڍڪيل هئا. ڄڻڪ ڪو جتي ستي تپسيا ۾ مگهن هجي. ٿڌي هوا جي لهر لڳي رهي هئي. جنهن ڪري جيو پراڻي پنهنجن ٻرن، آکيڙن ۽ گهرن ۾ لڪل هئا. پکي آسمان ۾ ٽولا ٺاهي دور دور اُفق تائين اُڏامي رهيا هئا. هر جيو ڪي سياري جي وڃڻ ۽ بهار جي آمد جو بي صبريءَ سان انتظار هئو. اُچا گهاٽا وڻ پنهنجي وشال سر ڪٽي بيٺا هئا. هر ڪنهن کي انتظار هئو بسنت بهار جي آمد جو. جنهن ڪري وڻ ٻوٽا گلن ڦلن جو خزانو مکڙيون ۽ ڪليون ظاهر ڪري رهيا هئا. بيانيءَ جو پهاڙي علائقو پنهنجي خوشگوار صحتمند آبهوا ڪان ديسان ديس مشهور هو. برفاني رانديون ڪندڙ سيلاني ٽولن ۾ ايندا هئا. سڀ ڪان وڌيڪ ڪشش ڪندڙ هئيمند بهار جي. بسنت جي اچڻ شرط قدرت جي ڪائنات ئي بدلجي ويندي هئي. بيشمار گلن جي وصيح چادر وڇائجي ويندي هئي. اٽڳٽت پوپٽ، ڀونئرا ۽ ڏينيو ٽولا ٺاهي گلن مٿان لامارا ڏيندا هئا. وڏا وڏا درخت ڦلن سان ڀرجي پنهنجا ٽاڙ جهڪائي ڇڏيندا هئا. قدرت ڄڻ هر جيو جنتو، ساهواري سان ڀلائي پالڻ لاءِ بيشمار، بي انداز، ڪاچ پلتي ڇڏيندي هئي. وڻن جي ڏاڙن تي وڏا وڏا ماکين جا مانارا سيني کي لالچائيندا هئا. صحت بخش وٽندڙ هوا جي هير، گهر گهر پهچي بسنت جي اچڻ جو سنديش ڏيندي هئي. قدرت جي ڪائنات ۾ سهسين جيت، بيشمار پکي ۽ بي انداز سيلاني نظر ايندا هئا.

اهڙي ئي ماحول ۾ ٺهيل هئي بياني جي صحت اِسپتال ’آروگيه ندي‘. پهاڙن جي واديءَ ۾ دور دور پکڙيل ڳوٺ ۽ اُنهن جا باَشندا، سيلانين

اُتياجي عدالت كيس ڊائوورس ڏيڻ جو حڪم ڪيو. سيٺ راجيش ڪافي رپيا خرچي تيءَ سنگيتا کي هن قهري انسان کان آزاد ڪرايو. راڪيش زال ۽ ٻه پٽ ڇڏي انڊيا هلي ويو. سنگيتا اڪيلي پيڪن ۾ رهڻ لڳي. هوءَ پڙ هن پٽن کي سٺي سڪولي تعليم ڏيڻ لڳي. سنگيتا هاٺي پنهنجن پٽن کي پالي وڏو ڪرڻ لڳي. پنهنجن پٽن کي نپائي سنڀالي ۽ پيار ڪرڻ ۾ زندگيءَ جو مقصد سمجهيو.

سنگيتا کي اهو سڀ سوچيندي ننڊ اچي ويئي. صبح اُٿي سنان پاڻي ڪري سڪول ۾ پاڙهڻ لاءِ تيار ٿي. ٻئي پٽ جلد جلد تيار ٿيا. نيرن ڪري پنهنجي پنهنجي ماڳ لاءِ نڪتا. سنگيتا سڄو ڏينهن ٻارن کي پاڙهڻ ۾ گذاريو. هن ماضيءَ کي وساري ڇڏيو. گذريو ته گذريو هاڻ ڇا ٿيندو.

پر سندس ساهيڙي پونا مان اچي ڪيس راڪيش جو احوال ڏيئي سندس خيالن ۾ طوفان آڻي ڇڏيو. هن ڪيس ٻڌايو ته راڪيش هندستان موٽي ٻي شادي ڪئي آهي. سست ۽ ڪم چور هئڻ ڪري، ڪٿي به نوڪريءَ تي ڪو نه ٽڪيو آهي. ٿوري موڙي پونجي جيڪا نائجيريا مان اِنڊيا آندائين سان شراب ڪباب ۽ ٻين خراب عادتن ۾ وڃائي ويٺو آهي. هن وقت گهر ۾ بي روزگار ويٺو آهي. سندس نئين زال پاپڙ ٺاهيندي آهي ۽ پاڻ اُهي گهر گهر ۽ دڪان دڪان تي وڪڻندو آهي. شڪل ۾ بدزيبو ۽ وهنوار ۾ ٺگ آهي. سندس زندگي تمام خراب بڻجي ويئي آهي وغيره وغيره. سنگيتا کي اهو ٻڌي بيحد دک ۽ پيڙا ٿي. هن پرماتما جا شڪرانا مڃيا ته جلد ئي سندس هن مڪار مان جند آزاد ٿي. هن پنهنجي غلطيءَ جي جوڳي سزا پاتي. هن فيصلو ڪيو ته دنيا ۾ بهتر زندگي جيئڻ لاءِ آئي آهيان. اِستريءَ کي پتيءَ جي غلام ٿي نه رهڻو آهي. هوءَ استري شڪتي آهي، هوءَ پنهنجو ڪٽنب درست نموني هلائي رهي آهي. سندس سامهون ٻن جوان ٿيندڙ پٽن جو آئينده آهي. ڪيس همت ڪري ماءُ ۽ پيءُ جو فرض پالڻو آهي. هوءَ اسڪول لاءِ گهر مان رَواني ٿي.

ڪار (شيوا ٿهل) چستيءَ سان ٿيڻ لڳا. دوائن جا زيان روڪي، صحيح دوائون گهرائي، صحتمند کاڌ خوراڪ ٺهرائي سيني کي ڏيندو هو. نتيجو اهو نڪرندو هو جو سالن جا سال بيمار ڪن مهنن ۾ بعضي ڪن هفتن ۾ چاڪ چڱا ڀلا ٿي ناچندا ڪڏندا پنهنجي ديس هليا ويندا هئا. بيانيءَ جو هيءُ سئنيٽري هوم جو انيءَ ۾ زندگيءَ موٽائڻ جو هڪ چمتڪاري مرڪز ٿي پيو هو. جنهن ڪري اسپتال جي ناموس ديس پرديس ۾ پکڙجي ويئي. وڏا وڏا ڊاڪٽر پنهنجن مريضن کي شفاياب ڪرڻ لاءِ هفتا اڳ بسترا ۽ ڪمرا بُڪ ڪرائيندا هئا. چوندا هئا بيانيءَ ۾ مرده دل مريض ايندا هئا ته جلدئي زنده دل ٿي واپس وڃڻ نه چاهيندا هئا. اهو هو ڊاڪٽر منيش ماڙيوالا جو پيدا ڪيل چمتڪار. هوُ ڊاڪٽر کان وڌيڪ هو ڇڻ هڪ سرڳ مان آيل فرشتو. سڀ ڪيس خوب عزت آبرو ۽ سنمان ڏيندا هئا. سندس لکيل پريسڪرپشن جون زيراڪس ڪاپيون هر شهر جي مشهور اِسپتالون گهرائي رکنديون هيون. اهڙي اسپتالِ جو خود ڊاڪٽر منيش هڪ اهم جزو، هڪ اهم حصو، هڪ اهم وجود ٿي ويو هو.

ڊاڪٽر منيش صبح جو اُٿي ضروري حاجت کان آزاد ٿي، ناشتو ڪندو هو. هوُ مکڻ، جئم لڳل ٽوسٽ سان گڏ گرما گرم چانهه جون چسڪيون وٺڻ لڳو. روم بوءِ ڪيس ٽائيمس آف انڊيا اخبار آڻي ڏني. ڊاڪٽر منيش هيڊ لائينس پڙهيون مس ته ڊاڪٽر ريتا شهاڻي در کڙڪايو. ڊاڪٽر پيپر پڙهندي چيو، ”پليس ڪم ان“ ڊاڪٽر ريتا شهاڻي هڪ ماهر ڊاڪٽر هئي، پر وقت به وقت ڪن منجهائيندڙ ڪيسن بابت ساڻس صلاح مصلحت ضرور ڪندي هئي. اندر ايندي ئي ڊاڪٽر ريتا چيو، ”ڊاڪٽر منيش ڏسو نه وارڊ نمبر ٣ جي بسترو نمبر ٥ جي مريض اڄ به ضد ڪري نيرن نٿي کائي. مون توهان کي اڳ ۾ به ٻڌايو آهي ته هوءَ نرسن کان دوائون به نٿي وٺي.“ ڊاڪٽر منيش اخبار مان منهن ڪڍي، ڪوپ ٽري ۾ رکندي چيو ”اوهه اُها پراڻي ڳالهه! عجب آهي توهين هڪ ڇوڪريءَ کي نٿا سنڀالي سگهو! يوُ يوز فورس ۽ ڪيس زوريءَ دوائون به ڏيو.“ ڊاڪٽر ريتا هار ايل بازيگر وانگر چيو. ”مان ڪيس هئنڊل نٿي ڪري

۽ اسپتال جي بيمارن لاءِ قوت بخش اناج، ڀاڄيون، ميوا، ماکيون ۽ دوائون آڻيندا هئا. سمورو سال بيمارن کي صحت بخشڻ لاءِ هر قسم جون نيامتون بخشيندو هو. هن اِسپتال ۾ ٻين ڳوٺن مان ۽ پري پري جا مريض دور دور پرديسن کان پنهنجو علاج ڪرائڻ ايندا هئا. هن شفاياب قوت بخش ۽ صحتمند واتاورڻ ۾ سيني کي روڳن کان نجات ملندي هئي. هرڪو تندرستي ۽ جيون پائي زندگي ماڻڻ لاءِ تيار ٿيندو هو.

ڊاڪٽر منيش ماڙيوالا اِن اسپتال جي ۽ سندس جادوئي ڪائنات جي ساراهه ڪندي هئي. اِنڪري شهر جي گهوڙ گهمسان ۽ گند پريل واتاورڻ کي ڇڏي من جي شانتي حاصل ڪرڻ لاءِ آيو هو. ڪيس دکي دل ۽ منجهيل من لاءِ سُڪون جي ضرورت هئي. هنکي زندگيءَ جي ڪشمڪش ۽ جهدوجهد هٽي ٿڪائي ڇڏيو هو. هو هر مٽ مائٽ، دوست ۽ چاتل سڃاتل کان پاڇي هن شانت واتاورڻ ۾ هڪ سادڪ مثل آيو هو. ڪيس آئي ڇهه مهنا مس ٿيا هئا، هن پنهنجي اورچ ۽ اٽڪ ڪاريه ڪشلتا سان بيانيءَ جي اسپتال جي ڪايا پلٽ ڪري ڇڏي هئي. هوُ هڪ ايماندار هڏ ڏوکي، درياه دل ۽ همدرد ڊاڪٽر هو. سڀ کان پهرين هن پنهنجي مٺي زبان ۽ همٿائڻ واري سڀاءُ سان مريضن ۾ زندگي جيئڻ لاءِ موه پيدا ڪيو. ساڳئي وقت اسپتال ۾ ڪن ڪم ڪندڙ نرسن، وارڊ بوائز ۽ ڊاڪٽرن ۾ اُتساهه، اُمنگ ۽ محنت ڪشيءَ جا اُمنگ پيدا ڪيا. پاڻ سڄو ڏينهن ڪم ڪندو هو. ٻين ساٿي ڊاڪٽرن جا ڪم پڻ خوشيءَ سان ڪندو هو. ڪنهن ڊاڪٽر کي ضروري ڪم لاءِ موڪل کپي ته ڊاڪٽر منيش سندس جاءِ تي ڪم ڪندو هو. هن رات ڏينهن هڪ ڪري نرس ۽ وارڊ بوائز لاءِ هڪ نئون مثال پيش ڪيو هو. صفائي، سٺائي ۽ شيوا لاءِ هن سيني جي اندر ڀاونا پيدا ڪئي. ايتري قدر جو ڪمپائونڊر ۽ نرس جا به ڪم ڪندي نه هٽڪندو هو . سندس صحتمند شرير، موهيندڙ مکڙو ۽ اُتساهه ڦوڪيندڙ ڳالهائڻ هڪ جادوءَ جهڙو ڪم ڪيو هو. اسپتال جو چيف سپريڊنٽ هن جي ڪم مان تمام خوش هو. اهڙو هر دل لزيز، رحمدل ۽ مددگار ڊاڪٽر اُنهن پهريون ڪو نه ڏٺو هو. جنهن ڪري اسپتال جي روزمرهه جو ڪم

کاڌ خوراڪ وغيره وغيره. ڪانئس رهيو نہ ٿيو. هوُ وري ماضيءَ ۾ هليو ويو.

منيش بڙودا ۾ سڪول ۾ پڙهندو هو. سندس پائر پينر پڻ سٺي تعليم حاصل ڪري رهيا هئا. سندس پتا چئنراءِ ماڙيو الا سرڪاري آفيسر هو. منيش مئٽرڪ فرسٽ ڪلاس ۾ ۽ انٽر سائنس پڻ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪئي. سندس پاڙي ۾ مسٽر گوبندرام راماڻي هڪ سٺو ڪپڙي جو واپاري رهندو هو. هن کي هڪ پٽ ۽ ہہ ڌئير هيون. سندن ڪٽنب تمام سٺو ۽ سيپتا وارو هو. پاڙي ۾، سندن مٺڙي ۽ مائيٽي سياءُ ڪري کين هرڪو پائيندو هو. مونيشا ڪٽنب ۾ پهرين ڌيءَ هئي. پڙهڻ ۾ سٺي هئي. اسڪول ۾ سندس نالو هو. منيش جي گهر جي پاتين جو مسٽر رامناڻيءَ جي ڪٽنب سان سٺو ناتو هو. سڀ هڪ ٻئي سان لهہ وچڙہ ۾ ايندا هئا. منيش کي ياد آيو تہ مونيشا هن کي تمام گهٽي وٽندي هئي. ٻئي هڪ ٻئي سان گڏجي خوب ڳالهيون ڪندا هئا. منيش سندس پاءُ ۽ پيڻ سان خوب لهہ وچڙہ ۾ آيو هو. هنن گڏجي رانديون ڪيون هيون. سندس دل ۾ مونيشا هڪ خاص مقام ٺاهيو هو. منيش کي خبر ئي نہ پئي تہ ڪيئن هن مونيشا کي پنهنجي هڪ جيون ساٿيءَ جي روپ ۾ ليکيو هو. ٻنهي ڪٽنبن جا ٻار عمر ۽ تعليم ۾ وڌي رهيا هئا.

مونيشا جي پتا جي ڪٽنب جو قاعدو هو تہ ڇوڪريون صرف سڪولي تعميم پرائين. هوُ آزاد خيال نہ هئا. سندن ويچار موجب ڇوڪريون مئٽرڪ پڙهي گهر جو ڪم ڪار ڪرڻ ۾ ماهر ٿين ۽ پوءِ کين جلد ئي شادي ڪرائي ڇڏٽي هئي. هيڏانهن منيش جو پتا تمام اُچن خيالن جو هو. هوُ ٻارن کي اوچ تعليم ڏيڻ جي فائدي ۾ هو. جنهن ڪري پنهنجن ٻارن کي ڪاليجي تعليم ڏنائين. منيش ميڊيڪل ڪاليج مان ايم.بي.بي.ايس. ڪرڻ لاءِ ممبئي هاسٽل ۾ هلي ويو هو. مونيشا جي پيءَ مونيشا جي شادي ڪرائڻ چاهي. پر نہ ڄاڻ ڇو مونيشا جي ننڍي پيڻ ۽ پاءُ پرڻجي ويا هوءَ رهجي ويئي. رامناڻي ڏنڌي ڌاري ڪارڻ بڙودا ڇڏي وڃي دهليءَ ۾ ۽ وسيو هو. مونيشا پنهنجي ساٿي منيش کان جدائي سبب

سگهان. هوءَ تمام ضدي، هٺيلي ۽ نراس آهي. هاڻ تون ئي هي ڪيس سنڀال، مون توبه ڪئي پليز.“

ڊاڪٽر منيش چانهه جو ڪوپ ڪيس ڏيندي چيو ”هاڻ تون ته چانهه پيئي ۽ توسٽ کاءُ ۽ ضدي ساٿي نه ٿي.“ ائين چئي ريٽا ڏانهن مُشڪي نهاريو. ڊاڪٽر ريٽا چيو، ”توهين پهرين پرامس ڏيو ته هي ڪيس توهين سنڀاليندا.“ ڊاڪٽر منيش چيو، !“ ا ها بابا مان منظوري ٿو ڏيان ته هي ڪيس مان هئنڊل ڪندس.“ ائين چئي وري ڊاڪٽر ريٽا جي نراس منهن ۾ نهاريو. ڊاڪٽر ريٽا هاڻ ٽينشن کان دوُر ٿي مسڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. ڊاڪٽر منيش سندس حل هو، سندس سونهون هو. سندس هم ساٿي ۽ دوست هو. ٻنهي گڏجي ناشتو ڪيو، ڊاڪٽر منيش چيو، ”چڱو يلا، تون اِن مريض جو فائيل موڪلي ڏي ته مان پڙهان ۽ سندس بيماري سمجهان. ڪيس جي اِسٽبي ڪريان. اوڪي!“ ڊاڪٽرريٽا وراڻيو ” او شوئر“. ائين چئي مُشڪي هلي ويئي.

ڊاڪٽر منيش صبح کان مريضن جا فائيل جاچي پڙهندو هو. هو مريض جي ڪيس هسٽري، اُن جا سمٽمس ۽ علاج لاءِ ڏنل انسٽرڪشنس ڏاڍي ڌيان سان پڙهندو هو. پنهنجا آبزرويشنس پڻ پاسي کان نوٽ ڪري لکندو ويندو هو. ضرورت پوڻ وقت ڪنهن ڏکيئي پيچيدي ڪيس کي حل ڪرڻ لاءِ خود اچي مريض جي تپاس ڪندو هو. هن اڄ هي نئون ڪيس جو فائيل کنيو. ٻاهران ڪور تي لکيل هو، ”مونيشا راماڻي“ سندس عمر ٣٦ سال، بيماري ٽي سال، اسپتال ۾ ڇهن هفتن کان.... سندس ڌيان وري نالي تي ويو. مونيشا راماڻي... مونيشا راماڻي...مونيشا راماڻي.... سندس وات مان باربار نڪرڻ لڳو هيءُ ڇا؟- هيءُ ڪير؟ اڻتيٽي ڳالهه! باربار چئي رهيو هو، مونيشا...بيمار...مونيشيا ..ٽي.بي مريض...؟ هيءَ ڪهڙي مونيشا آهي؟ هوءَ مونيشا ته ڪانهي جنهن کي ڏٺي ورهيه لنگهي ويا. هوُ حيران ٿي فائيل کي جاچڻ لڳو. پنهنجي ذهن جي وسيع ساگر ۾ گم ٿيل مونيشا راماڻيءَ کي کوجڻ لڳو. هن مونيشا جو فائيل ڏاڍي ڌيان سان پڙهيو. سندس بيماريءَ جون نشانيون ۽ اُهڃاڻ. سندس علاج جون دوائون،

چترڪار ٻچي ويو

نوٽ: هيءَ هڪ سچي گهٽنا دبئي ۾ دي انڊين هاءِ اسڪول جي هڪ شاگرد سان ٿي آهي. جنهن ۾ اسڪول جي سنڌي ماسٽر پنهنجي سوجهه ٻوجهه سان بيمار اسٽما واري شاگرد جي حياتي بچائي آهي. هيءَ ڪهاڻي مان دهليءَ جي سدا حيات چوڪري انڪتا کي ارپڻ ڪريان ٿو. شل وري اهڙي لاغرزائي سڪُول جي ٻار سان نه ٿئي.

دبئي جي انڊين هاءِ اسڪول ۾ مُنٽس ۽ سائنس جو ماستر هوس. ائين نائين ۽ ڏهين درجي جي شاگردن کي پاڙهيندو هوس. اسڪول جي ٻين ڪارگذارين مان هڪ هئي ساليانی پڪنڪ. هر هڪ ڪِلاس هڪ دفعو پڪنڪ تي ويندو هو. هڪ وقت تي ٽي چار ڪلاس هڪ ئي اِستان تي ويندا هئا. دبئي جي پسگردائيءَ ۾ وڏا شاندار باغ آهن. جتي شهر جا ماڻهو ڪٽنب سميت موڪل جي ڏينهن پڪنڪ ڪن ٿا. جن مان مکيه آهن نئشنل پارڪ، ال صافا پارڪ، جهميرا پارڪ، مزمر باغ ۽ ڪريڪ پارڪ. شارجاه جو ال جزيرا ۽ ال عين جو پارڪ تمام مشهور آهن. سڪِول جي ڊرائينگ ٽيچرس شري پرت ڪمار ۽ شري پريم ڪمار ائين درجي جي ڊرائينگ ڪلاسن جي پڪنڪ آرگنائيز ڪئي. مقصد هو ن شاگردن کي قدرتي نظارن جون پينٽنگ ۽ ڊرائينگ ڪيڻ جي مشق ڪرائڻ. اهڙي نموني چترڪلا کي هٿي ڏيڻي جي مراد هئي. هيڊ ماستر مسٽر شاهه مونکي گهرائي چيو، 'مسٽر شرما توهان جا ائين درجي ۾ ٻه پيرڊ آهن تنهن ۾ توهين پڻ انهن سان گڏ وڃو. سڪول جو سنئير ٽيچر ساڻ هوندو ته نگهباني ۽ ڊسيپلين سان پڪنڪ ٿيندي. مان نه نه ڪري سگهيس.

مقرر ڏينهن تي سڀ شاگرد ۽ اُستاد اسڪول جي ڇنئن بسين ۾ چڙهي اچي

اُداس ٿي ويئي هئي. هوءَ ڏينهن پوءِ ڏينهن ويئي ڪمزور ٿيندي. سندس دل ڪنهن به ڳالهه ۾ نه لڳندي هئي. هن جي بک به گهٽجي ويئي، ساڻس گڏ سندس وزن پڻ ويو گهٽبو. سندس ماتا پتا گهڻو ئي علاج ڪرايو. پر مونيشا جي صحت ۾ ڪو سڌارو ڪو نه ٿيو هو. تنهن ڪري ڪنهن هوشيار ڊاڪٽر جي صلاح تي مونيشا کي بيمانيءَ جي ٽي.بي. اِسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو هو.

ڊاڪٽر منيش فائيل کڻي وارڊ نمبر ٣ وٽ پهتو. سندس اُلجهن وڌيل هئي. سندس دماغ ۾ هڪ ئي سوال بار بار اُٿي رهيو هو.هاجي نه هاجي، هيءَ ساڳي وچايل مونيشا ته نه آهي. مونيشا جنهن جي وناجوڳه ۾ هن شادي ڪرڻ جو خيال ترڪ ڪري ڇڏيو هو. هوُ ڪنوارو ۽ ويراڳي بڻجي روڳين جي شيوا علاج ۾ پاڻ کي وساري ويٺو هو. هوُ وارڊ ۾ داخل ٿي ، بستري نمبر ٥ وٽ آيو. هڪ پل سندس دل دڙڪي. هڪ پل هنجو ساه رڪيو . سندس نظر روڳيءَ تي پيئي. ڊاڪٽر منيش چيو ”مان تنهنجي ميڊيڪل چڪاس ڪرڻ ٿو چاهيان. پليس گيٽ اپ.“ مريض ڇوڪري پنهنجي منهن تان چادر هٽائي، پاسو ورايو ۽ آيل ڊاڪٽر کي ڏٺو. ڊاڪٽر منيش اُن اُداس، پيلي، ڪمزور چهري کي ڏسي هڪيو. ڏٺائين، ڪيس پنهنجي نظرن تي ڀروسو نه ٿيو. وري ڇتائي ڏٺائين، ڏسندو ئي رهيو، حيران هو، ڪيس اعتبار نه پيو ٿئي ته هيءَ ڪا مونيشا آهي!

هڪ ڪن پل لاءِ ڊاڪٽر منيش ۽ مريض مونيشا هڪ ٻئي کي ڏسندا ئي رهيا. ڏسندا ئي رهيا... ٻنهي هڪ ٻئي کي سڃاتو. ڇاتو ۽ پاتو. ٻنهي جي زبان بند هئي. مونيشا جا چپ ڏڪي رهيا هئا. سندس اکين مان آب وهڻ لڳو. ڊاڪٽر منيش حيرانيءَ مان چيو، ”مونيشا... توکي ڇا ٿي ويو آهي؟ تون هيئن ڇو ٿي ويئي آهين؟ مونيشا منهنجي منويشا. مان ته پڙهڻ ويو هوس...پر توهان ٻنان ٻڌائڻ دهلي هلي ويا. منيشا هاڻ ڪيڏانهن به نه وڃج. مان تنهنجي ويوگه ۾ هتي آيو آهيان. پر شڪر مالڪ جو تون ملي آهين. مان هاڻ توکي پاڻ کان ڌار نه ڪندس.“ اسپتال جو اِنالو هڪ عجيب الوڪ ملڻ جو نظارو ڏسي رهيو هو.

شاگرد ڊوڙندا اسان وٽ آيا. هو حراس ۾ پڙيل پئي لڳا. هنن سهڪندي چيو.... ”سر....سر...ڇوڪرو بيمار ٿي پيو آهي. هوُ سهڪي پيو، سندس ساهہ تمام تيز ۽ آواز سان کڄي رهيو آهي. ڪنهن مهل ويهي ٿو رهي. ڪنهن مهل ليٽي ٿو پوي تہ ڪنهن مهل اُٿي ٿو بيهي. جلدي هلو ۽ سندس حال ڏسو...“ اسين ڇرڪ ڀري اُٿياسين. شاگردن سان گڏ تڪڙا قدم کڻندا، بيمار ڇوڪري وٽ پهتاسين. شاگردن جهڙو بيان ڪيو هو، اُها ئي حالت ڏٺيسين.

ڇوڪو تڪڙا ساهہ پيو کڻي، ڪيس ساهہ کڻڻ ۾ تڪليف ٿي رهي هئي. اِها روعداد ڏسي ٻرائنگ ماسترن جا حوصلا ختم ٿي ويا هئا. مان پڻ وڏي ويچار ۾ پئجي ويس. سڀ ڳوڙهي مسئلي ۾ پئجي ويا. هئا. ڪن سو ڇا ڪن؟ ڪهڙو قدم کڻن؟ پڇا ڪرڻ سان ڄاڻ ملي تہ...ڪيس اَستما (دم) جا دؤرا پوندڙ هئا. اسان کي دم جي بيماريءَ جي علاج جي ڪا بہ خبر نہ هئي. ڇوڪري وٽ ڪا بہ دوا ڪانہ هئي. مون يڪدم ٻرائنگہ ماسترن کي چيو، ”ڏسو ، هيءُ هڪ امرجنسي آهي. هن کي واپس اِسڪول موڪلڻ گهرجي.“ تن ڏينهن ۾ موبائيل فون ڪو نہ هئا. سندس گهر وارن سان بہ رابطو قائم نٿي ڪري سگهياسين. اسان شاگردن کان پڇيو، ”توهان مان ڪير هن ايراضيءَ جهميرا جو رهواسي آهي ڇا؟“ اهڙو ڪو بہ شاگرد ڪو نہ مليو. ڪنهن کي بہ اِن ايراضيءَ ۾ ڪنهن ڊاڪٽر جي ڪلنڪ جو پتو بہ ڪو نہ هو. منجهي پياسين تہ ڇا ڪريون؟ هڪ شاگرد چيو ”پرسان جهميرا ۾ ايراني اسپتال آهي.“ مون کي روشني نظر آئي. مان هڪ بہ دفعو ايراني اسپتال کي ٻاهران ڏسي چڪو هوس. مون اُستادن کي چيو، ’هنکي ايراني اسپتال ۾ پهچايو.“ هنن چيو، ”اَسين هيترا ڪلاس ڇڏي ڪيئن ويندا سين؟“ مون چيو مان، ”ٺيڪ اهي، توهين پڪنڪ جا شاگرد سنڀاليو. مان هن ڇوڪري کي ايراني اسپتال وٺي ويندس. اُتان اسڪول توڙي سندس گهر وارن سان رابطو قائم ڪندس. جلدي ڪريو مونکي ٽئڪسي آڻي ڏيو.“ پرت ڪمار ڊوڙندو ٻاهر ويو ۽ سموري روعداد ٻڌي اسڪول جي هڪ بس ڊرائيور چيو، ”مان هن ايراضيءَ کي سڃاڻان، مونکي

ال صافا پارڪ جي شاهي گيٽ وٽ وارد ٿيا. بسين مان لهي شاگرد قطارون ٺاهي بيهي رهيا. پارڪ ۾ داخلا لاءِ اسڪول جو آفيشل ليٽر پيش ڪيوسين. جنهن ۾ شاگردن ۽ استادن جو تعداد لکيل هئو. باغ ٻن ٽن ايڪڙن ۾ پکڙيل آهي. دبئي ميونسپالٽيءَ هن کي هڪ سندر جهنگل وانگر ٺاهيو آهي. جنهن ڪري ڪٿي ڪٿي جهنگل جو نظارو پسبو آهي. باغ جي وچ ۾ هڪ هترادو تلاءُ آهي جنهن ۾ ٻيڙيون پيون ترن. باغ ۾ هڪ سٺي ريسٽرانٽ پڻ آهي. باغ ۾ هڪ ننڍي ريل گاڏي پڻ هلي ٿي ، جنهن ۾ چڙهي هن وشال باغ جو سندر سفر ڪري سگهجي ٿو. اسان هڪ هنڌ جتي خوب وڻڪار، ساوڪ ۽ ڇانو هئي، اُتي سمورو سامان رکي ويٺاسين. شاگردن پاڻ سان آندل بڻگون ۽ ٿيلهيون رکيون ۽ بي صبريءَ سان آندل ڪوڪا ڪولا ۽ پيا پياج پيئڻ شروع ڪيا. ڪن تہ آندل نيرڻ کائڻ شروع ڪئي. هرڪو پنهنجي پنهنجي سهنج واري جڳهہ ڳولهي ويهي آرامي ٿيو. اسڪول پاران آندل ڪاڏي کائڻ پيئڻ جون چيزون شاگردن ۾ ورهايون ويون. اُستاد پڻ پاڻ ۾ ملي ناشتو ڪرڻ لڳا. شاگرد پنهنجا گروپ ٺاهي کائي پي رهيا هئا. اهڙي ڪليل ماحول ۾ ڇانهہ ڪافي پيئڻ جو هڪ الڳ لطف ايندو آهي.

ڊرائينگ ٽيچرس شاگردن کي گڏ ڪري ڪين قدرتي نظارن ۽ وڻ ٻوٽن جون ڊرائنگون ڪيڻ جا انسٽرڪشنس ڏنا.سيني کي پنهنجا پنهنجا آندل ڊرائينگ ۽ پينٽنگ جا سامان کولي چتر ڪيڻ لاءِ هدايتون ڏنيون. شاگرد اڪيلي يا ٻن ٽن جي گروپن ۾ ويهي پرڪرتي جا سندر نظارا چٽڻ لڳا. هڪ تہ هو قدرت جو مست ديدار ۽ ٻيو هو شاگردن جون ڪلپنائون. خوب سندر سندر ڊرائگون ۽ چتر چٽي هر ڪنهن پنهنجي ڪلا کي وڌائڻ ۾ ڪسر ڪا نہ رکي. اسين اُستاد پڻ ڊرائينگ شيٽون ڪٽي چتر ڪيڻ ۾ محو ٿي وياسين. اهڙيءَ طرح ٻہ ٽي ڪلاڪ گذري ويا. شاگرد ڊرائينگون ڪيڻ کانپو ِباغ ۾ گهمڻ ۽ سئر ڪرڻ لاءِ هلي ويا. شاگردن ڪرڪيٽ، فوٽبال ۽ بئڊمنٽن رانديون پڻ ڪرڻ لڳا. هر ڪو پنهنجي پسنديءَ مطابق وندر ۾ مست هو.

اسين اُستاد پڻ کائڻ پيئڻ ۽ مزيدار ڳالهہ ٻولهہ ۾ مشغول هئاسين. چار پنج

شراب جو آخرين جام

اڄ شرابخاني جو ماحول ڪجهه قدر ماٺو هو. هال ۾ پکڙيل
ٽيبلن ۽ ڪرسيون خالي هيون. صرف ايڪڙ ٻيڪڙ شرابي نظر اچي
رهيو هو. پر چئن نوڪرن جي سست هلچل هئي. ڪجهه بوتلن ۽
پيالن جي ڪن ڪن جي آواز سان گڏ ڪنهن جي ٽوڙي گفتگو ٻڌڻ ۾ پئي
آئي. هوٽل ٻين ڏينهن تي ڪافي گهوڙ گهمسان. شرابين جي ٽڪا
ٽڪي. ڪرسين جي سرڪڻ جو آواز ۽ پيئندڙ جي وڏ آواز ۽ پيالن
پلٽڻ جي ٽڪاءُ ڪي ٿيندي هئي. پر اڄ واتاورڻ ۾ شانتي اڱهرڙي
شانتي موڙ ڏسبي هئي. شايد ڪو وڏو ڏڻ وار هوندو جنهن ڪري
شرابي گهٽ آيل هئا. ڪائونٽر تي مئنيجر پڻ هن ماحول مان خفي تي
جهوٽا کائي رهيو هو. ساقي بلڪل فرحت ۽ فرصت سان شراب بوتلن
مان اوتي رهيا هئا. شرابي پيالي ۾ مٿان پيالي خالي ڪري رهيا هئا.
پليٽن ۾ پيل چهڙ چٻاڙي رهيا هئا. اڳي هڪ ٻئي سان ڪل مخول ڪندا
هئا. چوءِ طرف چؤٻول ۽ بڪ بڪ ٻڌڻ ۾ ايندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن
ته شرابي بحث بازي يا ماز ڪُٽ پڻ ڪندا هئا. يعني جهڳڙو فساد
جيڪڏهن ڪتي جي ملازمن کان ضابطي ۾ نه ايندو هو ته پوليس کي
گهرائي کين چپ ڪرائيندا هئا. ڪن گونڊن مواليڻ کي پوليس پڪڙي
ٿاڻي ۾ آڻي بند ڪندي هئي. پر اڄ اِئين ڪونه هو. هئي شانتي ۽ صبر
جو واتاورڻ. دروازي مان داخل ٿيندڙ شخص کي ڏسي ڪتي جو مئنيجر
خوشيءَ مان ڦونڊجي ويندو هو. شراب ڏيندڙ ساٿي ڦرتيءَ سان سندس
آجيان ڪندا هئا.

ساڍي اٺين بجي هڪ ڏگهو سانورو، وچولي عمر جو شخص

خبر آهي تہ ايراني اسپتال ڪٽي آهي.'' اسين شاگرد کي بس تائين وٺي آياسين. بس ۾ شاگرد کي وهاري اِيراني اِسپتال وٺي آياسين. مان ڊرائيور ۽ بيمار ڇوڪرو اسپتال ۾ داخل ٿي وياسين. مان ڀوڙندو امرجنسي وارڊ وٽ وڃي ڊاڪٽرن سان ڳالھہ ڪئي . اُنهن يڪدم نرسون ڀوڙائي شاگرد کي آندو. مون کين مختصر بيماريءَ جا احوال ڏنا. شاگرد پڻ آهستي آهستي چيو ''آئم ايم استما پيشنٽ.'' ڊاڪٽرن ۽ نرسن سندس چڪاس ڪري انجيڪشن ڏنا ۽ ٻوٽ تي آڪسيجن ماسڪ پائي ڇڏيو. تنهن وچ ۾ مون سندن داخلا فارم ڀرڻ شروع ڪيو. جيڪا ڄاڻ سا لکيم ۽ کين ٻڌايم. چيو مان ''ڇوڪري جي پيءُ کي فون ڪري گهرايو تہ باقي اُهو ٻڌائيندو.'' مان ہہ ڪلاڪ شاگرد سان گڏ وارڊ ۾ ويٺو رهيس. سندس پيءُ آيو. جنهن سان سربستو حال ڪيم. نرس پڻ ڪيس سمورو سماچار ڏنو. سندس پٽ هينئر خطري کان ٻاهر بستري ۾ آرام ڪري رهيو هو. ڇوڪري جي پيءُ اسپتال جي فارم ۾ وڌيڪ تفصيل لکيا. مون ڏانهن وڌي هن سڪ ۽ شڪر گذاريءَ وچان هٿ ملايو. عاجزيءَ سان چيائين. ''سر مان توهان جو بيحد شڪر گذار رهندس.'' مون چيومانس، ''مون پنهنجو فرض نباهيو آهي. هيءُ منهنجي پٽ برابر آهي. ماءُ پيءُ جي غير موجودگيءَ ۾ اسين سندس مائٽ آهيون.'' ضروري ڳالھہ ٻولھہ کان پوءِ چيومانس، ''هاڻ توهين پنهنجو پٽ سنڀاليو تہ مان وڃي چئن ڪلاسن جي شاگردن ۽ ماسترن کي سنڀاليان.'' اهو ٻڌي هوُ کلي پيو چيائين، ''شاباس اٿو جو هيڏي وڏي دل رکي ٿا پنهنجا فرض بخوبي خوشيءَ سان نباهيو. ڀڳوان توهان کي سٺي صحت ڏئي.'' مون ڌنيواد ڏني. مان اسپتال مان ٻاهر نڪري ٽئڪسي ڀاڙي ڪري الصفا پارڪ ۾ آيس. سموري خبرچار شاگردن ۽ ماسترن کي ٻڌايم. ڊرائنگ ماستر منجهند جي ماني ڪائي گاھہ تي ليٽيا پيا هئا. اُنهن منهنجا شڪرانا مڃيا. سڀني شاگردن ۾ خوشيءَ جي لهر ڦهلجي ويئي هئي. هر هڪ اڳيان وڌي انگريزي نموني پئي چيو، ''سر ڪانگريچيولشنس ائنڊ مئني مئني ٿئنڪس، يو آر گريٽ سر!'' پڪنڪ پوري ڪري اسڪول پهتاسين. هيڊ ماستر تمام خوش ٿيو چيو ''مسٽر شرما مونکي توهان مان اِها ئي اُميد هئي، توهان اسانجي لاج رکي آهي.''

وقت گذرندي ويرم ڪانہ لڳي. مالتي ڪلهہ ڇوڪري تہ اڄ
نيءَ جي ڏاڪي تي پير رکي رهي هئي. ڪيس پڙهائي لاءِ فِي لکڻ
ڻ لاءِ اِسٽيشنري ۽ ڪيسي خرچ ڪري لاءِ پئسا ڏاڍا ڏکيا ملندا هئا.
ماچند جي هٿ ڦار، عيش عشرت جا خرچ گهر هلائڻ لاءِ ٿوڙي رقم مس
ڏيندو هو. جنهن مان چمپا بہ ويلا ڪاٽو، سادا وڳا پائڻ لاءِ ۽ ڌيءَ جي
ڄ مشڪل سان پوري ڪندي هئي. ماءُ ۽ ڌيءُ جون نيڪ صلاحون
ماچند کي نہ آئڙنديون هيون .مالتيءَ جو مڱڻو چمپا جي ماسات جي
رميش سان مقرر ٿيو. چمپا ٿوڙي گهٽي ٻاچت ۽ پنهنجا زيور وڪڻي
جي شاديءَ جو سانباهو ڪيو. جمپا جي پيڪن پڻ ڏوهٽيءَ جي
يءَ ۾ مالي مدد ڪئي. جنهن ڪري شادي سادي سودي نموني ٿي ڳ
ي. رميش مالتيءَ کي وٺي وڃي پنهنجي گهر ۾ سکي ٿيو.

پريماچند نائي رميش کي وڏن ڏڻن تي مانيءَ تي گهرائي ساڻس
ڄ سواد ڪندو هو. هڪ ڏينهن مانيءَ کان پهرين پريماچند بيئر جي
تل کولي. چمپا ۽ مالتيءَ جي روڪڻ کان پوءِ بہ زور ڀري نائيءَ کي بيئر
ارپائين. رميش کي بيئر جو سواد مان مزو آيو. اُن ڏينهن کانپوءِ رميش
ڙي کي پنهنجي گهر گهرائي بيئر کوليندو هو. ٻئي ٻي روڪ ٽوڪ
ڻ لڳا. ڪاجهہ ڏينهن کانپوءِ پريماچند جي ٻاڇڙي عادت رميش کي
رابي بڻائي ڇڏيو. هو هاڻ وسڪي ۽ رم پڻ ورتائيندو هو. خوب
وشت ۽ ڪباب کائيندو هو. مالتيءَ جي خلافت ڪرڻ سبب هاڻ گتي
ي وڃڻ لڳو .جتي خوب ناٽو اُڏائي ولائتي شراب پيئڻ لڳو. شام جو
ر سان نشي جي حالت ۾ گهر اچڻ لڳو. ڪنهن ڪنهن ڏينهن تہ سندس
وست ڪيس ٽئڪسيءَ ۾ وهاري گهر ڇڏڻ ايندا هئا. رميش هاڻ پڪو
رابي ٿي پيو هو. هوڏانهن پريماچند پڻ گتن ۾ ويندو هو.

رميش جي گرهستي خراب ٿي چڪي هئي. مالتي پڻ هاڻ دکي
ارڻ لڳي .گهر ۾ کاڌي خوراڪ لاءِ پئسا گهٽ هوندا هئا .هوءَ صحي
ڌ خوراڪ جي ڪميءَ ۽ مڙس جي ٻاڇڙي حالت سبب بيمار گذارڻ
ي . ڏيهون ڏينهن وينئي پوٽي پوندي . اڪثر اڪيلائي ۾ ڀوڙها

آندر داخل ٿيو. هن چوڌطرف عقاب جي نظر سان نهاريو ۽ پوءِ آهستگي
سان قدم قدم کڻندو مقرر ٿيل ڪئبن ۾ داخل ٿيو. ڪيس پينٽ ۽ خمي
۽ پيرن ۾ گيتلو پيل هئو. ڪيس ڪرسيءَ تي وهندو ڏسي، هڪ سا
هن وٽ آيو. آيل شاخص ڪيس واپس موٽي وڃڻ جو اِشارو ڪيو
اُٿي ڪائونٽر تي مئنيجر وٽ آيو. هن مئنيجر جي منهن ۾ نها
پڇيو، ''چا هو اڃان ڪونہ آيو آهي؟ ''مئنيجر وراٽيو، نہ نہ هو اڃا
ڪونہ آيو آهي،''آيل شاخص ڪيس عرض ڪيو،' جڏهن هو اچي
ڪئبن نمبر چار ۾ موڪلج مليل آرڊر موجب شراب ۽ ڪباب پڻ موڪ
مان اُٿي سندس اِنتظار ڪندس.' ائين چئي پاڻ وڃي ڪئبن ۾ ويٺ
ڪيسي مان سگريٽ ڪڍي دونهان ڪڍڻ لڳو. دونهي جي بادل ۾ هن
ماضيءَ جي دنيا ياد آئي.

پريمچند مئٽرڪ پاس ڪري پي ڊبليو ڊي ۾ ڪلارڪ لڳ
هو. هن ڪي دوستن سان ملي گهمڻ، گتڻ، سئنيما ناٽڪ ڏسڻ، داعوتن
شريق ٿيڻ جو شونق پيدا ٿيو هو. وقتي ديسي ولائتي شراب پيئڻ
گوشت ڪباب کائڻ سندس فطرت ۾ سمائجي ويا هئا. ڪپڙن پائڻ جو
شونقين هو. خوب عطر ڦليل مکي عيش ڪرڻ لڳو. سندس مائٽن سند
شادي چمپا سا ڪرائي. هٽ ڦار ۽ بي جوابدار هئڻ ڪري، پائرن ڪي
ڏار ڪري ڇڏيو. چوندا آهن انڌو گهري هڪ اکہ تہ ملنس ٻہ، هي تو
ٿي بلڪل ڇڙو واڳہ ۽ بي جوابدار رهڻ لڳو. سندس زال چمپا سمج
۽ همٿ سان گهر سنڀالي هلائيندي هئي. پريمچند کي شراب پيئڻ کا
روڪيندي هئي. پر هو ڊيٺ ڪنهن ٻہ سياڻي صلاح ۽ رتا ڪي ماڃينس
ڪونہ هو. هوءَ ويچاري مجبورن عياش پتيءَ سان زندگي گذارڻ لڳي
ڪيس هڪ ڌيءَ مالتي ڄائي. ڌيءَ جي جنم تي هن دوستن کي هڪ وڏ
پارٽي ڏني. جتي ماس مڇيءَ سان گڏ خوب شراب جون بوتلون خال
ڪيائين. ساري رات نشي ۾ غلطان رهندو هو. دکياري چمپا پنهنج
ڌيءَ کي نپائي، تاتي وڏو ڪري رهي هئي. ڪيس اسڪولي تعليم س
گڏوگڏ سنجهٽ سان گهر هلائڻ جي سکيا ٻہ ڏنائين.

شراب پيئڻ کان نہ روڪيندس تون بہ پيءُ مان بہ پيئان .هن آرتوار شام جو منهنجي طرفان توکي گتي تي اچڻ جو نوتو ٿو ڏيان شام جو ڇهين بجي گتي جي ڪئبن نمبر چار ۾ پئي خوب پيئنداسين . مون کي وچن ڏي تہ تون ضرور ايندي.'' رميش عجب ۾ پئجي ويو. لاچار ڇيائين ها ايندس شراب جو نوتو هجي تہ شرابي ڪيئن نہ منظور ڪري؟

اڄ شام جو ڇهين بجي پريماچند گتي تي وقت کان پهرين پهچي شراب ۽ کاڌي جو آرڊر ڏنو. مئنيجر کي گهربل هدايتون ڏنائين. گتي جو پرانو گراهڪ هو، سو سندس حڪم جي پوئواري ڪئي هئائون. پريماچند اِنتظار ڪري رهيو هو. رميش پڻ گتي ۾ گهڙيو ۽ سڌو ڪائونٽر تي مئنيجر وٽ آيو. مئنيجر کيس ٻڌايو تہ ڪئبن نمبر چار ۾ پريماچند سندس پيالي ساٿي ويٺو آهي. رميش ڪئبن ۾ گهڙي پٺيان دروازو بند ڪيو. پريماچند جي سامهون پيل ڪرسيءَ تي ويٺو. پريماچند خوش ٿي سندس آجيان ڪئي. ايتري ۾ بيئرٽري ۾ شراب سان ڀرڙيل پيالا کڻي آيو هڪ هڪ ڪري پيالا ٽيبل تي رکيائين. بيئرر گهوشت ۽ ڪباب آڻي رکيا .پريماچند چيو.'' منڙا رميش اڄو تہ اڄ پيءُ ۽ پٽ دل سان شراب ماڻيون پيءُ دل کولي پيءُ توکي اهڙو موقعو وري زندگيءَ ۾ نہ ملندو''. رميش سندس ڳالهائڻ مان اندازو لڳايو تہ پريماچند اڄ اڳہ جهڙو وهنوار نٿو ڪري کيس ڪنهن انديشي جو غمان ٿيو. هن جاچي ڏٺو سندس پياليءَ ۾ گلابي شراب هو ۽ پريماچند جي سامهون هلڪي نيري رنگہ جو شراب رکيل هو. کيس ٻن رنگن واري الگہ الگہ شرابن مان شڪ جڳايو. هن پريماچند جي سامهون رکيل پياليءَ ڏانهن هٿ وڌايو. پريماچند چيو هيءُ منهنجيءَ خوشيءَ جو منهنجو پيالو آهي، هي منهنجي پسنديءَ جو شاب آهي. هي منهنجي خوشيءَ جو راز منهنجو سقون آهي. '' رميش ويچار ڪيو تہ ڳالهہ ۾ ضرور ڪو راز آهي. اڄ پريماچند جو وهنوار عام رواجي آهي. پريماچند شايد ڪنهن وڏي واردات کي انجام ڏيئي رهيو آهي. شايد سندس

ٻارڻ لڳي. اِن حالت ۾ چمپا کي خبر پيئي هوءَ ڪاجهه وقت ڪيي
ڏيءَ وٽ وڃي ڪيس آٿت ڏيندي هئي. ٿوڙو پئسو خرچي ڪيس دوائو
ڏيئي ايندي هئي. پر حالتون مان بدتر ٿينديون ويون. رميش مالتي
جي خراب صحت ڏسي ڪري به شراب کان ڪنارو نه پيو ڪر
سگهي.

ڪيس ٻچڙي عادت مجبور ڪري ڇڏيو هو. هو مالتيءَ سا
بيحد پيار ڪندو هو. پر پاڻ کي روڪي نه پيو سگهي. رميش که
نوڪري سٺي ۽ پگهار پڻ سٺو هوس. پر نشي جي عادت هن مان همت
مردانگي ۽ پاڻمان ضابطو وڃائي ڇڏيو هو. هو محسوس ڪندو هو ت
سندس گهرو سُک چئن ۽ آرام هلي ويو آهي. نشي جي حالت ۾ گهڻ
وڏ ڳالهائڻ ماڻهن سان بدووهنوار ڪرڻ ۽ پاڻ سڄاڳي نه رکي سگهند
هو. اها ڳالهه پريمچند پڻ محسوس ڪئي. سندس زال چمپا پڻ ڪيس
اهو ذهن نشين ڪرايو ته پنهنجي گهر توڙي ڏيءَ نائيءَ جي گهر کي
برباد ڪرڻ وارو پريمچند ئي هو.

ڏيري ڏيري پريمچند کي احساس ٿيو ته مون هي ڇا ڪيو؟
پنهنجي زال توڙي ڏيءَ سان ٻنهي جي زندگي برباد ڪري ڇڏي اٿم
هاڻ هوُ بلڪل ٻوري ويچار ۾ پئجي سوچيندو هو، اجان وقت نه ويو
آهي مان ڪوشش ڪري پاڻ سان گڏ نائيءَ کي به هن نگري مرض کان
نجات ڏياريان. هن اِن بابت گهڻو سوچ ويچار ڪيو. آخر هن کي هڪ
تجويز سمجهه ۾ آئي .هن اُن مان حل حاصل ڪرڻ جو پڪو پهه
پچايو . هن ڏٺو ته مالتي، چمپا ۽ پريمچند جي بار بار سمجهائڻ تي
به رميش باز نه پيو اچي. رميش موٽ ۾ پريمچند کي چوندو هو پاڻ نه
پلي ڏوجان متيان ڏيوي. توهين پاڻ سموري حياتي نشي پتي ۾ گذاري
آيا آهيو گيان ڏيڻ. سيِ واهون بند ڏسي پريمچند شراب پيئڻ گهٽايو.
پاڻ تي ضابطو رکڻ لڳو. ''آخر هڪ ڏينهن پريمچند رميش سان مليو ۽
ڪيس چيائين، مونکي معاف ڪج.'' مان پاڻ شرابي آهيان ۽ توکي شراب
نه پيئڻ لاءِ روڪيان ٿو. مون فيصلو ڪيو آهي ته ڇا به ٿئي مان توکي

سنڄيم شڪاري

سنڄيم جو جنم هڪ وچولي ڪٽنب ۾ ٿيو هو. سندس پتا راءِ بهادر دؤلترام وٽ منشي هوندو هو. سندس ڪم هو راءِ بهادر جي ديوان کي حساب ڪتا جا چوپڙا ٺاهڻ ۾ مدد ڪرڻ. هو هڪ ايماندار، سچار ۽ هڏڏوکي منشي هو. هن هر وقت پنهنجي مالڪ جي سيوا اورچائي سان ڪندو هو. صبوح جو شام تائين راءِ صاحب جي واپار جي ڪمائي ۽ خرچ جا تفصيل بلڪل باريڪيءَ سان رکندو هو. جاين ۽ دڪانن جي اوڳاڙيل مسو اڙيون بهي خاطي ۾ جمع ڪرڻ ۽ هرروز هر هفتي توٽيهنر مهني جي گهر ۽ آفيس جي خرچن جي داخلا ڪندو هو. صبوح کان شام تائين ديوان صاحب جي نظر هيٺ ڪم ڪندو هو. ڪڏهن تہ رات جو جاڳي پڻ ساليانا خاطا بند ڪرڻ ۾ مدد ڪندو هو. جنهن ڪري دلپت ديوان توڙي راءِ صاحب دولترام جو وشواسي منشي هوندو هو. سالن جا سال سچائي، ايمانداريءَ ۽ لڳن سان ڪم ڪرڻ جي وجع ماڻهو ديوان کي گهٽ پر دلپت راءِ کي وڌيڪ سڃاڻيندا هئا. ايتري قدر جو واپار جي دنيا ۾ ماڻهو کيس ديوان سمجهندا هئا. اِنهيءَ ڪري سندس هلندي پڄندي خود بخود ٿيندي ويئي. ديوان توڙي راءِ بهادر سندس قدر سڃاڻي کيس هر طرح جي ڪم ڪرڻ جي آزادي ۽ نوڪريءَ ۾ اِضافو ڏيئي سندس پگهار بہ وڌائيندا رهندا هئا. جنهن ڪري دلپت راءِ جو سماج ۽ واپاري جڳت ۾ نام ناماچار وڌيل هو. هو پنهنجي ڪٽنب جون گهرجون پوريون ڪندو هو. زال ۽ ٻارن جا خرچ پڪا چڱيءَ طرح ڪري سگهندو هو.

راءِ بهادر دولترام خانداني زميندار ۽ واپاري هو. سموري علائقي

شراب ضرور ڪاهي چيز آهي. اهو خيال ايندي ئي سندس من ۾ دل ۾ هڻي ڪنبي ويا. هن سمجهيو ته پريمچند جو پيالو زهر جو پيالو آهي. جنهن جي پيئڻ سان هو پنهنجو پراشچت ڪندو. شايد ... هميشه ..... هميشه لاءِ... هن پنهنجو پيالو ڪنيو دل ۾ نشچو ڪيائين ته اڄ کان مونکي شراب ڇڏڻو آهي. هميشه هميشه لاءِ هن اهو پڪو سنڪلپ ڪيو ته هاڻ پنهنجن ساهڙن پنهنجي منڙي زال مالني کي هاڻ دکي ٿيڻ نه ڏيندس. مان هن مسئلي جو هڪ يادگار حل ڪيندس.

رميش پنهنجو پيالو هٿ ۾ کڻي شرابي انداز ۾ چيو ته ”پيالو ملايو ... پيالو ملايو .... چيئرس!“ پريمچند کان ڇرڪ نڪري ويو هن گهٻراهٽ ۾ چيائين .” ها .. ها ... ها...“هن پيالو ملايو. پيالو اڳتي وڌايو، ته رميش پيالو ملائي. زور سان ٽڪرايو. ٻئي پيالا ٽڪرا ٽڪرا ٿي ڪري پيا. رميش اُٿي بيهي چيو ” مان وچن ٿو ڏيان ! اڄ کانپوءِ مان ڪڏهن به نه پيئندس!! مان پنهنجي پيڙهيءَ کي نئين زندگي ڏيندس! “ائين چئي ڳتي مان ٻاهر هلي ويو.

چڪو هو. سندس بيهڪ بدن ۽ ڊؤل هڪ مضبوط نوجوان جهڙو ٿي رهيو هو هو. هڪ هڏڪَٽل ۽ هڏڏوڪي ۽ چست نوجوان بڻجي رهيو هو. راءِ بهادر دؤلترام کي پڻ شونقن سان گڏ شڪار ڪرڻ جو شونق هو. هو سال ۾ هڪ ٻه دفعو پنهنجي انالي سان جهنگل ۾ وڃي شڪار ڪندو هو. جنهن ڪري سنجيه کي پڻ اِن انالي سان گڏ جهنگل ۾ وڃڻ جو موقعو ملندو هو. هو پڻ شڪار ڪرڻ جي فن ۾ ماهر ٿيندو ويو. بندوق هلائڻ ،تلوار ۽ ڀالا هلائڻ ۾ پڻ هوشيار ٿي ويو. وقت به وقت اڳيان وڌي شڪار ڪرڻ ۾ مدد پڻ ڪرڻ لڳو. هوُ بي خوف ٿي راءِ بهادر جي گهوڙي سان گڏ ڊوڙيندو ويندو هو. شڪار جي هر رمز ۽ فن کان واقف ٿي ويو، جنهن ڪري راءِ بهادر کيس همٿائيندو هو. وقت گذرندو ويو ۽ سنجيه هڪ ڪامياب شڪاري ٿي پيو.

راءِ بهادر دؤلترام جهنگل ۾ هرڻن،ڦارن ۽ شينهن جو شڪار ڪندو هو. سڄو ڏينهن شڪار جي تلاش ۽ پيڇو ڪرڻ ۾ ويندو هو. شام جو آندل شڪار جو ماس مان قسمين قسمين طعام ٺهندا هئا. سمورو انالو سوادي کاڄن جو شونقين ٿي پيو. ڪڏهن ڪڏهن ته راءِ بهادر ڏڻين تي پاٽيءَ جي پڪين جا شڪار ڪندو هو. هر قسم جا پاٽيءَ جا پکي ۽ قسمن قسمن جي ماڇين کي ڦاسايو ويندو هو. اهڙيءَ طرح سنجيه کي پڻ هڪ ماهر شڪاري بڻجڻ ۽ ماس ماڇيءَ ورتائڻ واري نرديه اِنسان بڻجڻ ۾ دير نه لڳي.

سنجيه پنهنجي تعليم پوري ڪري اچي راءِ بهادر دؤلترام وٽ نوڪريءَ ۾ لڳو. هو پڻ پنهنجي پتا وانگر سچائي، محنت ۽ ايمانداريءَ سان ڪم ڪري سيٺي ۾ پيارو ٿيو. هو صبوح کان شام تائين آفيس جي هر ڪم ۾ لڳو رهندو هو. ڪنهن به مختلف ڪم ڪرڻ کان عار نه ڪندو هو. راءِ بهادر جي زمين جي ٽئڪسن ۽ ٻين لائيسن وٺڻ جي ڪم ۾ پڙ هو. هو سرڪاري دفترن ۾ وڃي هر ڪم ڪري ۽ مسئلي کي حل ڪري ايندو هو. هڪ ته هو جانٺو جوان ۽ ٻيو هو انگريزي تعليم ورتل، سو سرڪاري ڪمن ڪارين جو ماهر هو.

۾ سندس نالو هو. عام ۽ سرڪاري ڪيتر ۾ سندس ڏاڪو ۽ ناموس هئي. هر ڪم سندس نالي سان هلندو هو. هن پنهنجي ڪارڪنن ۽ زيردستن کي هدايت ڪئي هئي تہ هرڪو ڪم سچائي سان ۽ قانوني دائري ۾ ڪم ڪن .هارين، نارين، مزدور ۽ نوڪرن کي سندن محنت جو دل گ هريو پگهار ڏيڻ آفيس ۾ ڪم ڪندڙ پٽيوالن، منشين ۽ ديوان کي لوازما ڏيڻ، راءِ بهادر جي فطرت ۾ سمايل هئا. جنهن ڪري هيءَ هڪ زمينداريءَ کان وڌيڪ بهتر هڪ محاظ هوندو هو. هت سچائي، ايمانداري ۽ اورچائيءَ جو قدر ڪيو ويندو هو. جنهن ڪري راءِ بهادر جو اتالو ڏاڍي فخر ۽ شان سان چوندا هئا تہ اسين سندس وٽ نوڪري ڪندا آهيون. ائين لڳندو هو تہ ڪنهن سنستا جو اتالو ڪم ڪري رهيو آهي. اهڙي ماحول ۾ منشي دلپتراءِ جو انيءَ کان ڪم ڪري رهيو هو. سندس زال توڙي ٻار هر طرح جي سادگي ۽ سچائيءِ سان وقت گذاري رهيا هئا.

دلپت راءِ کي شادي ڪئي ٢٥ سال ٿيا هئا سندس شادي راڌيڪا سان ٿي هئي. هوءَ پڻ وچولي ڪٽنب ۾ نپني هئي ۽ پنج درجا تعليم جا پڙهيل هئي. کين ہہ پُٽ ۽ هڪ ڌيءَ ڄائي. پٽن ۾ وڏو سنجيہ ۽ ننيو جئہ هو. ڌيءَ شيلا بلڪل شانتيڪي هئي. سندس ٻٽ اسڪولي تعليم حاصل ڪري رهيا هئا. ساٿس گڏ راءِ بهادر جي زمينداريءَ جي ماحول ۾ وڏا ٿي رهيا هئا. کين پنهنجي ڪٽنب کان پوءِ راءِ بهادر جي شاهوڪاري ۽ آسودگيءَ جا آزمودا ٿيندا هئا. ساٿس گڏ هو پنهنجي گ هر پريوار جا سادا ۽ سچائيءَ جا سنسڪار پائي رهيا هئا. سندن زندگ ىيءَ ۾ ڌرم ڪرم ۽ شيوا جا اِسم سمايل هئا .هو راءِ بهادر جي ڪٽنب پريوار جي شادين مرادين ۽ ٿيندڙ جشنن ۾ پڻ شامل ٿيندا هئا. هن اتالي جو هرفرد کين سڃاڻيندو هو. هو ڇڻ تہ هن وڏي ڪٽنب جا ڀاتي هوندا هئا.

دلپت راءِ کي هاڻ ماڻهو منشي نہ پر ديوان ڪري سڏيندا هئا. سندس وڏو پٽ سنجيہ اسڪولي تعليم جي آخرين ڏاڪي تي پهچي

چٽڪ ضروري وندر هجي. جنهن مان کيس بيحد مزو ۽ مؤج حاصل ٿيندو هو. چوندا آهن مروان موت ته ملوڪا شڪار. سندس گهر ۾ شڪار ۾ ڪم ايندڙ هر قسم جا هٿيار پنوار هوندا هئا. شڪار ڪيل جانورن جا سڱ، کلون ۽ کنڀ پڻ سينگاري ٿاهي رکيا هئائين. اهڙيءَ طرح هڪ عام رواجي منشيءَ جو پُٽ پنهنجي ضلعي ۾ هڪ مشهور ۽ ڪامياب شڪاري ٿي ويو هو. هر طرف سندس شڪار جا قصا ٻڌايا ويندا هئا. هو پڻ دوستن جي چوُياريءَ ۾ شڪار جا انوکا آزمودا ڏاڍي لحضي سان بيان ڪندو هو. جنهن مان کيس تمام گهڻي خوشي حاصل ٿيندي هئي.

هڪ دفعي سنجيه پنهنجن دوستن جي ٽوليءَ سان جهنگل ۾ گهوڙن تي چڙهي شڪار ڪرڻ ويو. سڄو ڏينهن خوب گهوڙا ڊوڙايائون پر ڪين ڪوبه شڪار ڪونه مليو. خوب ٻُوَلها ڪيائون آخر سڄ اچي لهڻ تي پهتو ۽ هنن نراس ٿي موٽڻ جو فيصلو ڪيو. نديءَ ڪناري پنهنجن گهوڙن کي پاڻي پيئارڻ لاءِ وٺي آيا. گهوڙا پاڻي پي رهيا هئا ۽ هي زمين تي ويهي ٿڪ پڃڻ لڳا. اوچتو نديءَ ڪناري گهاٽن وڻن جي اندران ڪين چرپر نظر آئي. اُنهن جو ڌيان اوڏانهن ويو. هڪ هرڻي آهستي آهستي نديءَ ڏانهن اچي رهي هئي شايد ڏينهن سڄي جي پياسڻ هئي. سنجيه ۽ اُن جا دوست اُٿي کڙا ٿيا. سندن نظرون وڃي هرڻيءَ ۾ پيئيون. سندن عجب جي حد نه رهي ۽ يڪدم گهوڙن تي چڙهي شڪار لاءِ تيار ٿيا. هرڻي آيل خطري کي سڃاڻي هاڻن ٻوٽن ۾ پَڃي ويئي. سنجيه سندس پيڇو ڪيو. هرڻي ڇلانگ ماري اُٿي ڀڳي، پر سندس رفتار ڍلي هئي ۽ گهوڙن جي ڊوڙ سان پڄي نه سگهي جنهن ڪري ٻوٽن ۾ لڪي بيٺي. سنجيه بندوق ڪٽي نشانو هلايو، دل ۾ چيائين ته اڄوڪو ڏينهن خالي ڪونه ويندو مونکي شڪار ضرور ملندو. هن بندوق ڇٽي گولي ڇوري بندوق جو ٺڪاءُ ٿيو ۽ هرڻي ڇلانگ ماري ڪري پيئي. شڪاري اچي هرڻي جي ويجهو پهتا. هو پنهنجي ڪاميابيءَ تي خوش هئا. سندن عجب جي حد نه

راءِ بهادر سندس قدر ڪري ڪيس خوب سٺا لوازما ڏنا. جنهن ڪري سندن زندگيءَ جو واڌارو ۽ سڌارو پڻ ٿيو. وقت گذرندي دير نہ لڳي سنالجيہ جو پيءُ دلپت راءِ هينئر پيدو ٿي ويو هو. جنهن ڪري آفيس ۾ گهٽ ڪم ڪندو هو. پر سنالجيہ سمورو وقت راءِ بهادر جي اٿالي سان گڏ ڪم ڪار ۾ مشغول رهندو هو. راءِ بهادر دولترام هاڻ اچي پوڙهو ٿيو هو. تنهن ڪري سندس شڪار جو شونق گهٽجي ويو. ڪجھ سالن بعد شيل شڪار بند ٿي ويا. سنالجيہ هاڻ ڪم ڪار کان واندو ٿي دوستن جي ٽولي ٺاهي جهنگل ۾ شڪار ڪرڻ ويندو هو. دوستن سان ملي هو ننڍا ننڍا جانور ماري ايندو هو. جن ۾ عام طور سهاءُ هرڻ هوندا هئا. اهڙيءَ طرح ڪڏهن ڪڏهن ڍنين تي وڃي پاڻيءَ جا پکي پڻ شڪار ڪري ايندو هو. اهڙيءَ طرح هو پنهنجي شڪاري شونق کي نباهيندو هو. هن شڪار ڪرڻ لاءِ بندوقون پڻ خريد ڪيون هيون. هن شڪار ڪرڻ جو مختلف رمزون پڻ سکيون هو . جنهن ڪري هڪ ماهر شڪاري بڻجي ويو هو.

سنالجيہ کي هر ماس کائڻ جي عادت پئجي ويئي. هو هر قسم جي جانور جو ماس پڻ سچاڻ لڳو. ڪيس زخمي جانورن، ڦٿڪندڙ شڪار تي رحم ڪونہ ايندو هو. هو وهندڙ رت کي عام پاڻيءَ کان وڌيڪ توجو بہ نہ ڏيندو هو. شڪار ڪيل پکين ۽ مڇين کي تيز ڌار واري چاقوءَ سان ڪٽي ٽڪر ٽڪر ائين ڪندو هو جڻڪ ڪا ڀاڄي وڍي رهيو آهي. شڪار ڪيل يا ڦاسايل مڇين ۽ پکين مان قسمين قسمين طعام ٺهرائيندو هو. هو دوستن ۽ مٽن مائٽن کي اهي طعام ٺارائي کارائيندو هو. شڪار جا قصا ۽ ڪهاڻيون ٻڌائي سيني جي دل وندرائيندو هو. اهڙيءَ طرح سنالجيہ هڪ ڪامياب شڪاري بڻجي ويو. شڪار ڪانپوءِ دوستن سان دعوتون پڻ ڪندو هو. اهڙيءَ طرح راءِ بهادر وٽ نوڪريءَ سان گڏوگڏ شيل شڪار ۽ عيش عشرت ۾ پڻ پئجي ويو. سنالجيہ جيڪڏهن ڪنهن مهني شڪار تي نہ ويندو هو تہ سمجهندو هو تہ زندگيءَ ۾ مزو نہ رهيو هو. شڪار سندس سياءُ ۾ ائين پئجي ويو هو

ورتيون سندن بابت سموري ڄاڻ حاصل ڪرڻ لڳو. هڪ ٻه ڀيو ٻه ڏنار رکيائين. ڳائين لاءِ وٿاڻ ورتائين. جنهن ڪري کير جي پيدائش وڌي ۽ اُنکي وڪڻڻ لاءِ رستا ڳولهي ڪڍيائين. سندس اڱاليءَ ۾ هاڻ ڳائيون ۽ ڏناڙ وڌڻ لڳا.

ڌيري ڌيري سندس کير جو ڌنڌو وڌڻ لڳو. هاڻ هو کير جو هڪ واپاري بڻجي ويو. ڳائين کي پاليندي کيس ڳائين لاءِ پيار پيدا ٿيو. جنهن ڪري هاڻ شڪار مان موهه ڪڍي هن ڌنڌي ۾ پئجي ويو. کيس ماس کائڻ لاءِ هاڻ چاهه نه رهيو هو.

هڪ ڏينهن سندس ڳوٺ جي هڪ ماڻهوءَ کيس هڪ ڏهري ڳانءِ ڏني چيائينس ته مان هن کي نٿو پالي سگهان. توکي جيڪو وڻي سو ڪر. سنجيه هڪ مونجهاڙي ۾ پئجي ويو. هن کي کير ڏيندڙ فائدي واري ڳانءِ کپندي هئي. پر هيءَ ته بنا فائدي واري ڳانءِ هئي. سنجيه ناڪاري نه سگهيو. سندس سنسڪار هئا. هن ڳانءِ پالڻ لاءِ منظوري ڏني ڌيري ڌيري سندس ڳائين جو ڌڻ وڌڻ لڳو. هن وٽ ٻڍيون توڙي بيمار ڳائيون اچڻ لڳيون. هاڻ هن هڪ ڳئوشالا کولي.

ڳئوشالا لاءِ وڏو پلاٽ ورتائين. ڳائين کي سنڀالڻ لاءِ ڏناڙ ۽ نوڪر رکيائين. وڏي پئماني ۾ ڳاهه خريد ڪندو هو. دور دور ڳوٺن ۾ کير وڪڻ لاءِ موڪليندو هو. ڳائين جي صحت سٺي رکڻ لاءِ هڪ جانورن جو ڊاڪٽر مقرر ڪيائين. هاڻي سنجيه کي ڳائين ۾ موهه پئدا ٿيو. هو سندن سار سنڀال لهڻ لڳو. کين سٺو چارو پاڻي ڏيندو هو. ڌيري ڌيري چؤ طرف سنجيه جو نالو ناماچار وڌيو. هن جي کير جي ڌنڌي هڪ وڳيانڪ روپ وٺي ڊيئري فارم بڻجي پيو. جتان کير ۽ کير مان ٺهيل شيون وڪرو ٿينديون هيون. سنجيه وٽ نوڪرن ۽ ڪم ڪندڙن جو تعداد وڌڻ لڳو. ساڻس گڏ ڪمائي پڻ تمام گهڻي ٿيندي هئي. هاڻ هو هڪ ڪامياب کير جو واپاري ٿي ويو هو. ساڻس گڏ هن جي ڳئوشالا بيمار ۽ ٻڍين ڳائين لاءِ هڪ آشرم بڻجي پيئي هئي. چوندا آهن ڪاميابي ڪاميابيءَ کي حاصل ڪندي آهي. چؤطرفن کان ساڌو ۽

رهي جو هرڻي ڳريو تي هئي. هن ڦٿڪندي ڦٿڪندي هڪ ٻچيءَ کي
جنم ڏنو. هرڻيءَ جي بدن مان رت وهي رهيو هو ۽ هوءَ پويان ساهه کڻي
رهي هئي. سندس پرسان نئون ڄاول ٻچڙو پيو هو. هرڻيءَ ممتا وچان
ٻچڙيءَ کي چٽي رهي هئي. ٿوري دير ۾ هرڻيءَ جو ساهه نڪري
ويو. ٻچڙو ماءُ کي چٽي رهيو هو. اهو نظارو ڏسي شڪاري دهلجي
ويا. بت بڻجي بيهي اهو دردناڪ واقعو ڏسڻ لڳا.

سنجيه اهو درشيه ڏسي وائڙو ٿي ويو. کيس شڪار مان مزو
ايندو هو. شڪار سندس وندر ۽ موج جو ذريعو هو. پر اڄ شڪار ڪرڻ
سان سندس متيون مارجي ويون. هن کي سمجهه ۾ نه پيو اچي ته ڪري
ته ڇا ڪري؟ سندس دوست پڻ هن گهٽنا کي ڏسي وائڙا ٿي نهارڻ لڳا.
ٻن ڄڻن اڳيان وڌي مئل هرڻي کڻي جيپ ۾ رکي. سنجيه هرڻيءَ جي
ٻچي کي کڻي جيپ ۾ آيو. ننڍڙو معصوم ٻچو چپ چاپ هنن کي
پنهنجين اکين سان ڏسي رهيو هو. سنجيه هن کي کڻي صاف ڪيو.
هاڻ هو ڪن سو ڪن ڇا؟ هنن فيصلو ڪيو ته ٻچڙو کڻي گهر هلجي.
هو چپ چاپ گهوڙن کي ڊوڙائي شهر طرف هليا. شام ٿي چڪي
هئي چوطرف آسمان ۾ تارا چمڪي رهيا هئا. سنجيه پنهنجي گهر
پهچي دوستن سان صلاح ڪئي ته هن ٻچي جو ڇا ڪجي؟ ڪين
ڪجهه به سمجهه ۾ ڪونه آيو. پر ٻچڙي کي ته ماءُ جي ٿڃ گهربل
هئي نه ته ته مري ويندو. آخر هنن هڪ دوست کان ٻڪري گهرائي
ٻچڙي لاءِ کير پيئڻ جو بندوبست ڪيو. اڄ هنن کي شڪار مان مزو
ڪونه آيو. مرڳو ڪين پنهنجن ڪيل ڪم مان افسوس ٿيو. هنن کي
پننهنجي ڪيل شڪار مان گناهه جي بوءِ آئي. سنجيه هرنيءَ جي
ٻچي کي پالڻ جو ارادو ڪيو. هن ٻڪري خريد ڪري سندس پالنا
شروع ڪئي. ٻچڙو ٻڪريءَ کي ماءُ سمجهي سندس ٿڃ ورتائڻ لڳو
هرڻيءَ جو ٻچڙو وڏو ٿيڻ لڳو. هاڻ سنجيه ٻڪرين ۾ چاهه وٺڻ لڳو.
هن ٻه چار ٻڪريون پاليون هڪ ڌنار پڻ رکيائين. ڌنار صلاح ڏني ته
ٻچڙو وڏو ٿئي ته ٻڪريون نيڪال ڪري ۽ ڳانيون پالي. هن ڳانيون

امر سپنو ساڪار

ديا ونتي صبح جو سوير اُٿي جو پرڀوءَ جو ڌيان سمرن ڪيو. ٻاهر نڪري دروازي وٽ آئي. سوريه ديوتا پنهنجا گلابي، سونهري ترورا سموري ڪائنات تي وڇائي رهيا هئا. هن وڏيءَ سان سوريه پرڻام ڪيو. دروازي تي اخبار پيئي هئي. هن جهڪي اخبار سان گڏو گڏ آيل مئاخزنون کنيون. بيٺڪ ۾ داخل ٿي پيل صوفا تي ويهي مس ته سندس ڪم واري ستي ٽري ۾ چانهه ۽ ناشتو آڻي رکيو. هن مشڪي جانه جي چشڪي ورتي. استيءَ ڏانهن مخاطب ٿي چيائين، ”اڄ جلدي آئي آهي؟“ ستي ورندي ڏني،“ امان مونکي خبر آهي ته اڄوڪو ڏينهن اسان سيني لاءِ اهميت وارو آهي. اڄ اوهان ڪي اسڪول ۾ وڃي رٿيل پروگرام ۾ ڀاڱو وٺڻو آهي. رنڌڻي ڏانهن ويندي ويندي چيائين، ”اڄ اسان سيني ڪي گهڻه گهڻو ڪم ڪرڻو اهي. مان ڪيئن تي گهر ۾ ويهي رهان؟ اِئين چئي ستي پنهنجي ڪم ڪار لاءِ هلي ويئي. ناشتو پاڻي ڪري ديا ونتي اخبارن جا پنا اُٿلايا ، هن مکيه خبرون پڙهيون. لوڪل اخبارن ۽ رسالن ۾ سندن رٿيل اڄوڪي ڪاريه ڪرم ۽ جلسي بابت شد مد سان ليکه ڇپيل هئا. هڪ هفتي لاءِ سندن اسڪولن وڏا ڪاريه ڪرم رکيا هئا. ساليانون رانديون، سانسڪرتڪ ڪاريه ڪرم، سيمينار ۽ مشاعره. جنهن لاءِ مهنن کان رٿائون رٿيون ويون هيون. هر هنڌ سموري شهر ۾ جلسا ٿي رهيا هئا.

ديا ونتي ماضيءَ جي دنيا ۾ هلي ويئي. ڪيس ياد آيو، اڄ کان سٺ سال اول جو زمانو. هوءَ مئٽرڪ ۾ پڙهندي هئي. اُن وقت ديش ۾

سنت پڻ هن آشرم ۾ اچڻ لڳا. ساڌن ۽ سنتن لاءِ مفت کاڌي ۽ رهڻ جو بندوبست پڻ ڪرڻ لڳو. هت ڌرم ، گيان ۽ آڌياتمڪ پروچن پڻ ٿيڻ لڳا.

سنجيہ پنهنجي ڏندي مان وقت ڪڍي هت هلندڙ ستسنگ ۾ پڻ شامل ٿيڻ لڳو. پنهنجن ڪتنب جي ڀاتين سان پڻ شامل ٿي پروچن ٻڌڻ لڳو. سنجيہ کي سنتن جي ڪٿائن ۽ پروچنن تمام گهڻو پرڀاوت ڪيو. سدانند سنستا دوران سنت شرومڻي ديارام جو ستسنگ هلي رهيو هو. جنهن ۾ مهاتما جيوديا ۽ گگداامن جي شيوا تي گهڻو زور ڏيئي رهيا هئا. خاص ڪري ڳئو سيوا تي گهڻو زور ۽ واتاورڻ جي شڌيءَ تي ڳالهائي رهيا هئا .سندن پروچن سنجيہ جي دل ۽ دماغ تي وڏو اثر ڪري رهيو هو. جيئن تہ هو ڳئو شالا ڇهڙا ڪم اڳ ۾ شروع ڪري چڪو هو تنهن ڪري هو مهاتما وٽ آيو ۽ ساٿس وارتالاپ ڪيائين. مهاتما ديارام سنجيہ جي دل ۽ دماغ ۽ آتما تي وڏو اثر ڪيو. سنجيہ هن مهاتما کان نام دان وٺڻ جو ارادو ڪيو . نام دان حاصل ڪري هن پڪو نشچو ڪيو تہ ماس نہ ورتائيندو. سنجيہ جي پريوار پڻ ويشنو ٿي رهڻ جو پڪو فيصلو ڪيو. چيائين جيڪي هنسا مون ڪئي آهي تنهن لاءِ پراشچت ڪريان ٿو. هن ڳئوشالا توڙي پنهنجو مهمان خانو هر ڪنهن لاءِ کولي ڇڏيو. هڪ وڏو هال ٺهرائي لنگر پرساد جو جوڳو بندوبست ڪيو. هاڻ هو سيني کي ويشنو ٿي رهڻ ۽ گگدامن ۽ اناٿن جي شيوا لاءِ همٿائڻ لڳو. قدرت جو ڪرشمو هڪ شڪاري ساڌ پرش ٿي پيو.

رڻ لڳي. اِن ڏس ۾ ڪيس نبر نوجوان ديال جو سنگ مليو. جنهن ڪيس
ڪتي وڏڻ لاءِ خوب اُتساهه ڏوڪيو. دياونتي پڙهي ماستري ڪئي ۽
نگتي سدارن جي ڪاريه ڪرمن ۾ شامل ٿينديي هئي. سندس دل ،
ماغ ۽ من تي ديال جو گهرو اثر ٿيو. دل ئي دل ۾ هوءَ سندس مشتاق ٿي
يئي هئي. هن سماجڪ ۽ قومي هلچل ۾ پنهنجي دياونتي شادي نه
ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو.

گهر جي دروازي جي گهنٽي وڳي ته دياونتيءَ جي خيالن جو
سلسلو ٽٽو. هن ستيءَ کي سڏي چيو، ''ستي ڏس دروازي تي ڪير
آهي؟'' ستيءَ دروازو کوليو ته سندس اسڪول جا سيڪريٽري ۽ هيڊ
ماسترياڻي سان گڏ ڪي ڪاريه ڪرتا موجود هئا. دواونتي اُنهن کي
اچڻ جو اشارو ڪيو. سيڪريٽري ۽ هيڊماسترياڻي ڪيس سموري ڪاريه
ڪرم جو جائزو ڏنو. صبح کان شام تائين هلندڙ ڪاريه ڪرمن کان
واقف ڪيو. دياونتي کين ضروري هدايتون ۽ سمجهاڻيون ڏنيون. سندن
ميٽنگ ۾ ڪلاڪ ملي. تنهن کانپوءِ آيل مهمانن کي ناشتو پاڻي ڪرايو
ويو. هو ڪانئس موڪلائي هليا ويا. دياونتيءَ پنهنجي اسڪول ڏانهن
وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳي. اڄ سموري اسڪول ۾ هڪ وڏو جشن ٿي
رهيو هو. جنهن ۾ ڪيس آيل مهمانن جو سواگت ڪرڻو هو.ساڳئي
وقت ڪاريه ڪرتائن کي ڏنيواد ڏيڻو هو. سڀ کان وڏي ڳالهه کين
ديش ڀڳت ديال جي جيون تي روشني وجهڻي هئي.دياونتي سنان
پاڻي ڪري، ڪپڙا پهري وڃڻ لاءِ تيار ٿي. ميز تي رکيل ڪاغذ پٽ
فائيل ۾ وجهڻ لڳي. فائيل ڏاهي، هوءَ اڄ جي ساڃهه ڏينهن جو پروگ
رام ڏيان سان جاچي پڙهڻ لڳي. هڪ دفعو پنهنجي لکيل ڀاشڻ کي
ڌيان سان پڙهڻ لڳي. هر سال اسڪول جي ساليانه فنڪشن مهل ڪيس
سموري پبلڪ جي سامهون هڪ سهڻو سٺو ليڪچر ڏيڻو پوندو هو.
جنهن ڪري ڪيس سڀ سياويڪ ٿي لڳو. پنهنجي پڙهڻ جي جي
ڪريا سماپت ڪري هوءَ اکيون بند ڪري ويهي رهي. سندس ويچار
ڌارا وري گذريل زماني ڏانهن ڊوڙڻ لڳي.

آزاديءَ لاءِ جدوجد هلي رهي هئي. چؤطرف انگريزن خلاف و ايو منبل هو. هر روز آزاديءَ جا ديوانا، سرگسون ڪيي جيلن ۾ ويندا هئا. هوءَ پڻ اِن رنگ ۾ رنگجي ويئي هئي. کاڌيءَ جا ڪپڙا پهرڻ لڳي. سوديشي شين جو استعمال ڪرڻ لڳي هئي. اِن دؤر ۾ سندس ملاقات لاڙڪاڻي جي رهواسي نوجوان ديال سان ٿي. هي هڪ رشت پشت قدوار ۽ سهڻو جوان هو. سندس ڳالهائڻ ديرينو ۽ فضيلت وارو هو. هن جو گلو تمام مٺو هو. هو ديش ڀڳتيءَ جا گيت ۽ ترانا تمام سندر سُر ۾ ڳائيندو هو. ڪيس گيت لکڻ جي ڏات هئي. هو هر وقت ديش جي آزاديءَ لاءِ هر قسم جي قرباني ڪندو هو. ڪيترا دفعا جيل ياترا ڪئي هئائين. هو ديش جي مشهور قومي اخبار ۾ ليک لکندو هو. ڪيس اُن اخبار ۾ سب ايڊيٽر پڻ ڪري ٿاقيو ويو هو. هوُ ديش لاءِ هر قرباني ڏيئي رهيو هو. ديال اُن وقت ڇوڪرين جي تعليم جي فائدي ۽ ڏيتي ميتيءَ خلاف هڪ محاظ پڻ شروع ڪيو هو.

دياونتي ءَ جي پتا اُن وقت پنهنجي بردباري ۽ دروندايشيءَ کان ڪم ورتو. اُن وقت هن ڏٺو تہ سنڌ ۾ ڇوڪرين کي اوچ تعليم نٿي ڏني ويئي. جنهن ڪري سندن زندگيءَ ۾ سڌارو ۽ واڌارو ڪو نہ ٿي ٿيو. هو هڪ سجاڳ ۽ اُڏار دل انسان هو. اُن وقت ڀارت ديش جي بنگال پرانت ۾ وڏي سجاڳي آيل هئي. اُتياجي ڇوڪرينءَ زالن کي همٿايو ويو هو. گهڻيئي وڏگهراڻيون اِستريون اوچ تعليم حاصل ڪري رهيون هيون. جنهن ڪري وڏن پدن کي حاصل ڪري رهيون هيون. بنگالي سڌارڪن ۽ ليکڪن جو ساهتيہ سنڌ ۾ پهتو هو. جنهن ڪري سنڌ پرانت ۾ پڻ استري شڪشا ۽ استريءَ جي آزاديءَ جي لهر لڳي هئي. ڪيترا ئي ساهتي ۽ حيدراباد جا گهراڻا استري تعليم ۽ آزاديءَ جي لهر هيٺ اچي چڪا هئا. ڪيتريون ئي وڏگهراڻيون ڇوڪريون ڪاليجن جي تعليم وٺي، پنگتي ڪارين ۽ سرڪاري نوڪرين ۾ اچي رهيون هيون. گهڻو تڻو ڇوڪريون ماستري ۽ پروفيسريءَ جا پيشا اختيار ڪري رهيون هيون. دياونتي پڻ سندس پتاجي همٿائڻ تي اوچ تعليم

دياونتيءَ لاءِ ديال هڪ دوست هڪ رهبر ۽ هڪ ساٿي ٿي رهيو. ان دوران دياونتي تمام گهڻي اوچ تعليم حاصل ڪئي هئي. ديال هڪ مشهور شاعر ۽ ليکڪ ٿي ويو هو. هنجي قلم ۽ ساهتيہ کيس پنهنجي پرانت ۾ مشهور ڪري ڇڏيو. سندس شاعريءَ، ڪويتائن ۽ گيتن هر ڳوٺ ۽ شهر ۾ سندس ڏونڪو وڄائي ڇڏيو هو. وقت جو چرخو ڦرڻي ويو. ڀارت ديش لاءِ گهربل آزاديءَ جو اعلان ٿي ويو هو. پر سنڌ جي نو اسين لاءِ هڪ بري خبر ۽ هڪ خراب آپدا اچي ويئي. سنڌ کي هند کان ڌار ڪري الڳہ ملڪ بڻايو ويو. اهو هند جي تواريخ ۾ هڪ ڀيانڪ ذلذلو هو. ملڪ سان دولاب ٿيو هو، لاکين شرهرو اسين سان ظلم ٿيوَ هو. مذهب جي نفاق هندن تي ڀاڙي ظلم آٽي وڌا. هندو سنڌي سنڌ ڇڏي هند ۾ نرواسي ٿي اچي وسيا. ان دؤر ۾ ديال ۽ دياونتي جا ڪٽنبي مٽ مائٽ ۽ دوست سڀ نرواسي ٿي ڀارت ۾ آيا. هندن جتي ڪٿي اسڪول، ڪاليج ڌرم شالائون، بيگهرن لاءِ بہ ستيون جايون جوڙيون. ديال اسڪول ۽ ڪاليج هلايا. جتي دياونتي ماستري ڪري سندس ڪاريہ ڪرمن کي سڦل ڪندي هئي. اهڙي طرح هوءَ اڄ ڪاليج جي پرنسيپال ۽ اسڪولن جي ڊائريڪٽر ٿي هئي. ديال پنهنجي سماجڪ ڪاريہ ڪرمن ڪندي، هڪ وڏو سماجڪ نيتا ۽ مشهور شاعر بڻجي ويو هو. هن کي راشٽر جو ڪوي ۽ ديش جو شيوڪ ڪري ليکيو ويندو هو. ديال کي سندس اڻ ڳڻت شيوائن ڪري وڏا وڏا سنمان ڏنا ويا هئا. کيس ڀارت جا اوچا انعام، لقب پڻ ڏنا ويا. وقت گذرندي ديال هن دنيا مان رقصت وٺي ويو هو. اِهو صدمو دياونتيءَ لاءِ وڏو دکہدائي هو. هن چپ چاپ آنسون وهايا. هن نشچو ڪيو تہ پنهنجي پريتم ۽ رهبر جا رهيل فرض پاليندس. سندس سپنا ساڪار ڪندس. تنهن ڪري تن من ۽ ڌن سان سندس هلايل سنستائن کي سنڀالي هلائي رهي هئي. اڄ ديال جيءَ سؤ سالن جي ورسي ملهائڻ لاءِ هر جڳهہ، پروگرام، ڪوي سميمن، سيمينار ئو جشن ڪرائي رهي هئي.

اوچ تعليم حاصل ڪرڻ وقت سنڌ ۾ هوءَ تمام قابل ودوانن ۽ پروفيسرن جي سمپرڪ ۾ آئي هئي. جن مان هوءَ تمام گهڻي متاثر ٿي هئي. خاص ڪري ديال ڪيس ڏاڍو متاثر ڪيو. هن جي ويچار ڌارا، فيلسوفي، اوچ آدرش ۽ اوچ خيالات ڪيس اُتساهت ڪيو. پنهنجي زندگيءَ کي سڌارڻ، واڌارڻ ۽ ڪامياب ڪرڻ لاءِ اُماد ڪيو. سماجڪ زندگيءَ ۾ ڪاريہ ڪندي هن دياوان مان تياڳ، قرباني ۽ ديش پريم جا دائم سبق پرايا. ديال ڄڻ تہ هن لاءِ روشن منارو هو. سندس ساٿي همراه ۽ اُستاد هو. جنهن هر طرح سان سندس زندگيءَ جي رهنمائي ٿي ڪئي. دياوان جي مارگہ درشن سندس راهہ روشن ڪئي هئي. هن سندس صلاحن تي هلي، اسڪول ۾ ماستري ڪئي، هزارن ڇوڪرين ۽ زالن کي همٿايو ۽ اڳتي وڌڻ ماءِ اُتساه ڦوڪيو هو. هوءَ ٻين ڇوڪرين ۽ زالن سان گڏجي ديش جي آزاديءَ جي سنگرام ۾ لڳي ويئي هئي. جنهن ڪري کيس ڪيترا دفعا سنڌ ۾ جيل ياترا ڪرڻي پيئي هئي.

دياونتيءَ ديال جي بلڪل نزديڪ ٿيندي ويئي. جنهن ڪري هن جي دل ديارام جي تصوير ڇاپيل هئي. اُهو وقت هئو جو ڇوڪرا ڇوڪريون هڪ ٻئي کان دور رهندا هئا. اُن وقت جي تنگہ دليءَ ڪري کو بہ کلئي دل سان هڪ ٻئي لاءِ سڪ ۽ پريم جو اظهار بہ ڪري نہ سگهندو هو. سماج ۾ پراڻن سنسڪارن ۽ پراڻين ريتين سبب ڪو بہ پنهنجي پيار جو اظهار بہ نہ ڪري سگهندو هو. جنهن ڪري هم خيال، هم سياءُ ۽ همراه هوندي بہ ٻئي هڪ ٻئي کان دورُ رهندا هئا. وقت تيز رفتار سان گذرندو رهيو. ديال جو وواه ٿي ويو. دياونتي سڀ ڪجهہ ڏسندي رهي. دل جو غم دل ۾ رکيائين. پاڻ شاديءَ جو ويچار دل مان ترڪ ڪري ڇڏيائين. من ۾ سنڪلپ ڪيائين تہ جنهن سان نيهن جو ناتو هئو، سو تہ نہ مليو، تہ عمر پر ڪنواري رهنديس. دياونتي حق بخشي ڇڏيو. پر دل ۾ پنهنجي پريتم ديال جي صورت هميشه قائم رکي ڇڏيائين. وديا ۽ سماج جي ڪاريہ ڪيتر ۾ ٻئي گڏبا هئا، رهاٽيون ڪندا رهيا ۽ ڪاريہ ڪرمن ۾ تن من ڌن سان شيوا ڪندا هئا.


ڏڻ هندن ۽ مسلمانن جا خوب شد مد سان و اريندي هئي. اسانجي پرسان سعيدن ۽ سيوهاڻين جو پاڙو هوندو هو. هندن توڙي مسلمانن جون زالون بيدرڪ پيون ايندبون ويندبون هيون. انهيءَ ڪري گهر جي مردن کي سخت تاڪيد ڪيل هئي تہ اوطاق ۾ رهن. وڏا ڏڻ، ننڍي وڏي ستئين (شيتلا)، رکڙي پونم، هولي ڏياريءَ سان گڏ عيد پڻ ملهائي ويندي هئي. هندو نوڪرن سان گڏو گڏ مسلم ڪمين کي پڻ خرچي، مٺائي ٽول ڏيندي هئي. سعيدن جي گهرن ۾ ٻارن کي اُرڙي، ننڍي يا وڏي ماتا نڪرندي هئي تہ ڏاڏيءَ کي گهرائي ڏيکاريندبون هيون ۽ پڪ ڪنديون هيون تہ ڪهڙي ماتا نڪتي آهي. ڏاڏيءَ کي عرض ڪنديون هيون تہ ماتا نڪتل سندن ٻارن لاءِ پنهنجي گهر ۾ لولا، پڪوان، ٽڪيون، نيوج پچائي. ستين ڏينهن ڏاڏي لولا پڪوان ۽ اکڙيون ٽڪريون کڻي سندن گهر ويندي هئي. اسين ٻار پڻ رونشي ۽ اُتسڪتا سبب ساڻس گڏ ويندا هئاسين. ڏاڏي اکڙيون ٽڪريون سندن اکين مٿي ۽ ڪلهي سان ڇهائي، منتر پڙهندي هئي، پوءِ پاڻيءَ جا ست ڇنڊا هڻندي هئي. ننڍيون وڏيون سعيدن جو زالون هٿ جوڙي، مٿو جهڪائينديون هيون. ڏاڏي ماتا نڪتل ٻار کي لولي مٿان مکڻ رکي کارائيندي هئي. ساڻن گڏ ڳائيندي هئي.'' سانوڻ مان جا ستئين آئي، آئي ڪرشن پکي، ٺري مائي ٺري مائي ٽڏا پوڇن ڏئي. جهڙي ٽڏي سيتلا اهڙا ٻار ڪري (ٻارن جا نالا وٺندي هئي.)'' سعيدن جون سهٽيون سٽيون زالون، ڇپن تي مساڪ لڳل ۽ هٿن ۾ مينڌي لڳل، ڏاڏيءَ جا هٿ چمنديون هيون. ساري روعداد وقت سندن مرد اوطاق ۾ وهندا هئا. ڏاڏي باچيل لولا وغيره کڻي گهر ايندي هئي. موٽ ۾ ڏاڏيءَ کي هٿ ۾ ناڻي جو پريون ڏيئي شڪرانا ملجينديون هيون. ڏاڏي هني جا گهر موٽي، سعيدن جي ٻارن صدقي ساڃو ڏينهن ٽڏو رکندي هئي، يعنيٰ ٽڏو کاڌو کائيندي هئي.

مونکي ياد ٿو پوي تہ عاشورن جي ڏينهن ۾ ڏاڏي ڏاڍي ڪنيير تي ويندي هئي. اسان ٻارن کي حسن حسين جي شهادت جي ڪهاڻي ٻڌائيندي هئي. ڏاڏي هندو ڇائي، مسلم تہ پيرن ۽ رسمن جا آدر ڪندي هئي. عاشورن ۾ ڪوتڙيءَ جي گهٽيءَ گهٽيءَ مان دُر دل (گهوڙي تي سوار) ۽ هٿ

اَمي ڪوٽڙي واري

اَمي منهنجي ڏاڏي هئي. سهڻي، سڻن مهانڊن واري سوني فريم سان
عينڪ پائيندي هئي. سفيد چولو، سفيد پڙو ۽ اڇي وڏي چادر سان پان
کي ويڙهيندي هئي. وڏي عمر، سنڌس وار اڇا جهڙا ڪپهه هوندا هئا. صبح
سويل اُٿي وهنجي کير جو ديگڙو گرم ڪندي هئي. چاڏيءَ مان ڏهي
ڪيي منڌئيڙي سان ولوڙي مکڻ ڪيندي هئي. نيرن تي ڪوڪيون
پڪچائي، مٿان مکڻ ۽ کنڊ رکي سيني کي کارائيندي هئي. واندڪائيءَ
مهل مقرر ٿيل جڳهه تي ويهي حقو ڇڪيندي هئي. گڏو گڏ نام سمرڻ
پڻ چالو هوندو هوس. ڏاڏي جي گذر ڪري وڃڻ کان پوءِ به ڪوٽڙي
ڇڏي ڪراچيءَ نه آئي. چوندي هئي ڪوٽڙيءَ ۾ ڪنوار ٿي آيس ت
مڙهه به اتائين نڪرندو. اسانجي سموري ڪوٽڙي ڪٽنب ۾ سيني ۾
عمر ۽ عزت ۾ وڏي هئي. اسين ڪراچيءَ مان وئيڪيشن ۾ ڪوٽڙيءَ رهڻ
ايندا هئاسين. اُتي اسان کيس بلڪل چستي ڦڙتيءَ سان هر ڪم ڪار
هر سماجڪ ڪارين ۾ ڀرو وٺندو ڏٺو. شاديون هجن يا مرڻا، ڏاڏي امي
حقي تڪي حاضر هوندي هئي. ڏک سک ۾ هر ڪٽنب جون زالون ڪائنس
صلاحون وٺنديون هيون. ٻارن جي بيمارين، وڏن جي سُتين ڦڪين ۽ ڏڻ
وارن ملهائڻ جي ريتن رواجن جي ڄاڻ ڏيندي هئي. صبح شام ڳوٺ جا
وڏڙا ننڍڙا ۽ زالون جهاڙ وجهائڻ ايندا هئا. هوءَ هٿ ۾ مور کنين جو ٺهيل
مڇو کڻي، تمام گنڀيرتا سان، مکه مان منتر پڙهندي جهاڙ وجهندي هئي.
اسان ٻارن لاءِ ڪوٽڙيءَ ۾ اچي رهڻ وندر ۽ موج سان گڏو گڏ سکڻ جو
موقعو هوندو هو. ڏاڏيجي گانءِ ڏهڻ لاءِ صبح سوير خميسو، پکال ۾
پاڻي آڻيندڙ عبدلاه ته گانيون آڻڻ وارو رحمو جمالي هوندو هو. وڏا ننڍا

Inauguration of the book
MANHU MUHINJE MULK JAA
written by **MOHANLAL P. SHARMA**
Function was organised by
SAHYOG FOUNDATION chairman Ram Jawhrani
at Hotel Rosewood, Tardeo, Mumbai





Chandur Manghnani, renowned Social activist offering floral bouquet to author Mohanlal P. Sharma

Padam Sharma, Mohanlal P. Sharma, Vasdev Nirmal, Dr. Dayal Asha, Ram Jawhrani, Chandur Manghnani, Smt. Sundri Uttamchandani





Padam Sharma, Mohanlal P. Sharma, Vasdev Nirmal, Dr. Dayal Asha, Ram Jawhrani

گاڏيءَ ۾ تابوت کيندا هئا. اڳيان ميراسي بينيون ۽ دهلوچائيندا ويند
هئا. اسانجي گهر جي سامهون تابوت ۽ دُردل ايندي هئي. ماتم ڪند
ڇاتيون ۽ منهن پٽيندا اچي بيهندا هئا. اسانجو وڏو دروازو کلندو هو، ت
گهر جو زالون ۽ ٻار ٻنيءَ وٽ اچي بيهندا هئاسين. ڏاڏي پنهنجي ڏيراڻين
نوهرن ۽ نرائن سان ٻاهر ايندي هئي. سڀ کان اڳيان وڏي هٿ جوڙي نسمڪا
ڪندي هئي. پوئي ڇاتي تي هٿن سان پٽيندي هئي. اسان ڪراچي
جي ٻارن لاءِ اِها هڪ عجيب حيرانيءَ جي ڳالهہ (رسم) هوندي هئي. پو
آيل ماتمين مان هڪڙو وڏي آواز پڇندو هو، 'امان وڏيءَ ديدار ڪيو
سڀ هامي ڀريندا هئا تہ سرگس اڳتي وڌندي هئي. اسان جي امي ڏاڏي
پورڻ صوفي سنت هوندي هئي. هميشه چوندي هئي، "بابا ايائي گهر
جو خئر گهرو."

ڪجهہ عرصي پڇاڻا ڏاڏي گذاري ويئي. منهنجو چاچو ٻالچند
(ٻالو) کوٺڙي ڇڏي اسان وٽ اچي رهيو. اسانجي حويليءَ جي گهر ۾
رڳو ڏاڏي ڀاڳوءَ ماءُ رهندي هئي. اسانجي کوٺڙي، اُتي جي زندگيءَ جو
سرڳہ سمان ماحول ۾ وڃڻ گهٽ ٿيڻ لڳو. بابي پڻ جهوني جاءِ کي پڪو
ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. اسان پڻ سنڌو نديءَ ۾ وڃڻ، ڪجيز
جي باغن ۾ گهمڻ ۽ ساوا سوادي ڪاڏن جو مزو وڃايو.

اڄ بہ منهنجين اکين اڳيان، سنڌو جي ڌارا، ڪنارن تي بيٺل وڏا ٻيڙ
جن ۾ رهندڙ مير ٻاحر، باغن ۽ کيتن ۾ ڪم ڪندڙ ڪمين ڪاسبين
هندن ۽ واٽين جا سهٽا مکڙا، سندن ڇيڏي سنڌي ٻولي، مٺڙا ڪلام، رات
جون چونڪيون ۽ اوطاقن جون مجلسون جا چتر چٽيا پيا ڦرن.

ARKA DIL HEERAN JEE KHAN



MOHANLAL P. SHARMA
KOTAI

About the Author

ucation : B.Sc., B.Ed., S.T.C.
reer : Head Teacher, K.G. High School, Shahganj, Agra
Senior Science Teacher, A.M.K. Premier High School, Sion, Mumbai
The Indian High School, Dubai, U.A.E.

Other Books by the Author

English
Sindhi Pearls in Dubai
Prominent Indians
n Emirates
Non-Resident Indians
n the Gulf
The Indus People
The Expatriate Indians
n Dubai
The Legends
The Legendary People

in Hindi
1) Jhalak
2) Chatanon ki Rani

in Sindhi
1) Mahableshwar jo pujari
2) Dil Jee Ghadhee
3) Asankhe Naaz Aahe
4) Sonahari Shaam
5) Pawan tha Yaad
6) Manhu Muhinje Mulk Jaa

ial Activity : Hon. Chairman, Youth Secretary & Committee Member - Saraswat Yuvak Mandal
. Secretary & Committee Member - Amar Jiwan C.H.S., Bandra
. Vice Chairman - Sindhi Youth Association, Agra City.
. Programme Director - Bal Seva Samiti, Krishna Colony, Agra (U.P. Govt. Child Welfare Scheme)